## اداريو:

# معاشري ۾ عالمن جو ڪردار

هن وقت دنيا خاص ڪري اسلامي دنيا ڪيترن ئي چئلينجن ۽ آزمائشن مان گذري رهي آهي.هڪ طرف فڪري انتشار، گمراهي، ۽ مغربي فڪر جي يلغار آهي، تہ ٻي طرف مسلمانن ۾ اخلاقي، سياسي ۽ ديني ڪمزوريون وڌي رهيون آهن. اهڙي وقت ۾ عالمِ دين جو ڪردار اڳ کان بہ وڌيڪ اهم ۽ ذميوار بڻجي ويو آهي، ڇو تہ عالم فقط علم ورهائيندڙ نہ، پر امت جو راهبري ۽ فڪر جو نگهبان آهي.

اڄ جڏهن معاشرو نون فتنن، تعصب، ۽ سوشل ميڊيا جي غلط استعمال سبب ورهائجي رهيو آهي، تڏهن عالمِ دين کي اتحاد، رواداري ۽ ديني شعور بخشيندڙ بڻجڻ گهرجي. منبر ۽ محراب کي قرآن ۽ سنت جي تعليم جو مرڪز بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي.

عالمن کي گهرجي تہ هو نوجوان نسل جي فڪري تربيت ڪن، جديد وسيلن ذريعي دين جي صحيح تعليم عام ڪن، ۽ ماڻهن کي سوشل ميڊيا جي منفي اثرن کان بچائين. مدرسن ۽ مسجدن کي فقط عبادت جا مرڪز نہ، پر سماجي سڌاري جا ادارا بڻايا وڃن.

اهو بہ سچ آهي تہ جڏهن بہ امت بحرانن ۾ آئي، تڏهن صادق ۽ باعمل عالمن ئي قوم کي سڌي راه ڏياري. اولياءَ ڪاملين ۽ عالمن پنهنجي علم، حلم ۽ اخلاص سان ماڻهن کي اتحاد، محبت ۽ خدمت جي راه ڏيکاري، ۽ اڄ بہ اهو تسلسل قائم رکڻ عالمن جو اصل مشن آهي.

اڄ جي عالم کي نہ رڳو روايتي دائري تائين محدود رهڻو آهي، پر عملي طور ميدان ۾ لهي، تعليم، اخلاق ۽ اصلاحِ معاشره لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. قوم کي علم، حلم، عمل ۽ اخلاص جي روشني سان اڳتي وٺي وڃڻ ئي عالمن جو حقيقي ورثو آهي.

ڪنهن بہ معاشري کي مثالي بنائڻ ۾ عالمن جو ڪردار ئي اهم رهيو آهي، هن وقت بہ عالم سڀ‍ڳورا، معاشري کي ٻين جي رحم و ڪرم تي ڇڏڻ بجاءِ انهن جي رهبري جو ڪردار ادا ڪن تہ مثبت ۽ بهتر نتيجا ملي سگهن ٿا.

# رَاشِـدُ التَفـاسِـير

## قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (41)

### از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته "پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن" جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان "راشد التفاسير" رکيو ويو آهي.

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

أُولٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ (اعراف : ١٧٩)

ترجمو: اهي ڪافر رڳا ڍور آهن ، بلڪ انهن کان بہ بدتر .

گر نبودے ذات حق اندر وجود
آب وگل را کی ملک کنند سجود

يعني: جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات ، حضرت آدم عليہ السلام جي وجود ۾ مضمر ۽ مخفي نہ ها تہ رڳو پاڻي ۽ مٽي کي ملائڪ ڇو سجدا ڪن ها.

مثنوي شريف ۾ مولانا جلال الدين رومي ڪهڙو نہ سهڻو فرمايو آهي:

کافراں دیدند احمد را بشر،
چوں ندیدند ازوے آں شق القمر
زانکہ او گف دید دریا ندید،
زانکہ حالی دید و فردا را ندید

يعني: ڪافرن جو حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ کي رڳو پاڻ جهڙو پي سمجهيو، سو هن ڪري ته انهن جو عقل ايترو ڪوتاهه هو جو حضور ﷺ جن جي چنڊ چيرڻ جي حقيقت تي به غور ڪري نه سگهيا. انهن مت جي موڙهن جو واقعو هن مثال آهي. جيئن ڪو سمنڊ جي گجي ته ڏسي پيو پر سمنڊ جي ڪا خبر ڪانه هجيس. يار وري اڄ ڏينهن جي حقيقت سمجهي ۽ سڀاڻ جو پتو ڪونه پويس.

ٻئي ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

نہ بشر خوانمت اے دوست نہ حور و پری
ایں ہمہ بر تو حجاب است تو چیزے دیگری

يعني: اي دوست توکي نه بشر سڏيان نه حور يا پري ڪري پانيان، هي سڀ توتي حجاب آهن تون ته وچان شيءِ ئي ٻئي آهين.

## درس حديث

## خليل بڻايان ها تہ....

**عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ رضي الله عنه، أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ قَالَ:**

**"إِنَّ أَمَنَّ النَّاسِ عَلَيَّ فِي صُحْبَتِهِ وَمَالِهِ أَبُو بَكْرٍ، وَلَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيلًا غَيْرَ رَبِّي لَاتَّخَذْتُ أَبَا بَكْرٍ، وَلَكِنْ أُخُوَّةُ الْإِسْلَامِ وَمَوَدَّتُهُ".**

**(صحيح البخاري، حديث نمبر ٤٦٧ صحيح مسلم، حديث نمبر ٢٣٨٢)**

**سنڌي ترجمو:**

**حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو:**
"منهن تي پنهنجي صحبت ۽ مال ۾ سڀني کان وڌيڪ احسان ڪندڙ ابو بڪر آهي، ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي رب کان سواءِ ڪنهن کي خليل (گهڻو پيارو دوست) بڻايان ها، تہ ابو بڪر کي بڻايان ها، پر (اسان جي وچ ۾) اسلامي ڀائيچارو ۽ محبت آهي."

## درس ملفوظات شريف

امام العارفين حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله عنه فرمايو تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي زماني ۾ ڪن اصحابن سڳورن جي گهرن ڏانهن حجري شريف مان دريون ڪليل هونديون هيون، پوءِ جڏهن پاڻ هن فاني دنيا مان عالمِ آخرت ڏانهن اسرڻ جو سانباهو ڪرڻ لڳا، تڏهن سڀني درين جي بند ڪري ڇڏڻ جو حڪم فرمايائون، مگر هڪ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي گهر واري دري ڪليل ڇڏي وئي، ڇوتہ رابطي ۾ سندن درجو نهايت اعليٰ ۽ مخصوص هو. پاڻ انهيءَ هنڌ فرمايائون تہ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي مٿين حڪم مان اهڙي طرح معلوم ٿيو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ڏانهن پهچڻ جا ٻيا سڀ رستا بند ڪيا ويا، مگر هڪ رابطي وارو رستو ڪليل رکيو اٿن.

# سوانح حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه

## ترتيب: مولانا محمد رفيق سکندري

### نالو، لقب ۽ خاندان:

سندن نالو مبارڪ عبدالله ،ڪنيت ابو بڪر ۽ لقب صديق عتيق . والد جو نالو عثمان. سلسلہ نسب ڇهين پيڙهي تي مره تي حضور ﷺ سان ملي ٿو. ابو قحافہ سندن والد فتح مڪہ بعد مسلمان ٿيو.حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي والده ام الخير سلمیٰ بنت صخر ڪي ابتدا ۾ اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو.

هڪ ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضور ﷺ کان اجازت وٺي مجمع عام ۾ دين جي دعوت ڏني ۽ بت پرستي جي مذمت ڪئي ڪفار ڪاوڙيا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي ايترو مارين جو بالاخر بنو تميم کي مشرڪ هجڻ جي باوجود ترس آيو انهن مشرڪن جي ظلم کان ڇڏائي گهرپهچايو پاڻ رات جو گهروارن کي اسلام جي دعوت ڏنن حضور ﷺ جو پتو معلوم ڪري پنهنجي والده سان ارقم جي مڪان ۾ آيا ۽ سندن والده مسلمان ٿي ايام جاهليت جي ديت خون بها جو مال سندن وٽ گڏ ٿيندو هو.

### اسلام قبول ڪرڻ:

مردن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ،عورتن ۾ حضرت خديجة الڪبریٰ رضي الله تعالي عنها، غلامن ۾ حضرت زيد بن حارثہ رضي الله عنه ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه ٻارن ۾سڀ کان اول مؤمن آهن. اها تطبيق امام ابوحنيفہ رحمه الله سڀ کان پهريان ڏني.

### اشاعت اسلام:

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي دوستن ۾ تبليغ اسلام ڪئي. حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه، زبير بن العوام رضي الله عنه، عبد الرحمان بن عوف، سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه ،طلحہ بن عبيدالله رضي الله عنه، عثمان بن مظعون رضي الله عنه،ابو عبيده بن الجراح رضي الله عنه، خالد بن سعيد بن العاص رضي الله عنه اهي حضرت

ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي تبليغ سان مسلمان ٿيا.حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي گهر جي صحن ۾ ننڍي مسجد ٺاهي هئي قرآن جي تلاوت ڪندا هئا رقيق القلب رئندا هئا ماڻهو گڏ ٿيندا هئا ۽ متاثر ٿيندا هئا. حضور صلي الله عليه وسلم تبليغ لاءِ ويندا هئا تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه نسب داني ۽ ڪثرت ملاقات ڪري ماڻهن کي حضور صلي الله عليه وسلم جو تعارف ڪرائيندو هو. پاڻ غلامن کي ڪفار جي ظلم کان آزاد ڪرائيندا هئا (ڪنزالعمال)

**سفرِ هجرت:**

پاڻ هجرت ڪري حبشہ وڃن پيا قريش جي تڪليف ڪري تہ برڪ الغماد تي پهتا تہ ابن الدغنہ رئيس القاره مليو ان پڇيو تہ ابوبڪر ڪٿان جو قصد آهي؟

پاڻ فرماين تہ قوم مونکي جلا وطن ڪيو ڪاڏهين ٻئي ملڪ وڃان اتي عبادت ڪيان ابن الدغنہ چيو توهان ڪيئن ويندؤ مفلس جي مدد ٿا ڪيو مائٽن جو خيال ٿا رکن مهمان نوائي ٿا ڪريو مصيبت ۾ ماڻهن جي ڪم ٿا اچو واپس مڪہ هلو اتي عبادت ڪر ابن الدغنہ مڪہ ۾ امان جو اعلان ڪيو نہ سي امان تسليم ڪيو ويو ۽ قريش چيو پنهنجي گهر ۾ عبادت ڪري .

پاڻ گهر جي صحن ۾ مسجد ٺاهي هئي ان ۾ عبادت ڪندو هو قريش کي ان تي اعتراض هو انهن جو چوڻ هو تہ گهر ۾ عبادت ڪري اسان جي دين کان اسان جون عورتون۽ ٻار ڦري ويندا. ابو بڪر نہ مڃيو چيائين تہ منهنجي لاءِ خدا ۽ ان جي رسول جي پناه ڪافي آهي (بخاري) پاڻ هجرت جو ارادو ڪيو پر حضور صلي الله عليه وسلم ابوبڪر کي فرمايو تڪڙ نہ ڪر اميد آهي تہ خدا تعالي طرفان مونکي بہ هجرت جو حڪم ٿئي.۴ مهينا حضور صلي الله عليه وسلم جي هجرت جا منتظر رهيا .حضور صلي الله عليه وسلم صبح شام حضرت ابوبڪر صديق وٽ ويندا هئا هڪ ڏينهن پاڻ منهن ويڙهي خلاف معمول بي وقت تشريف فرما ٿيا فرماين ڪوئي هجي تہ هٽايو مان ڪجھ ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو. حضرت ابو بڪر صديق عرض ڪيو تہ ٻيو ڪير نہ آهي گهروارن کان سواءِ فرماين هجرت جو حڪم مليو آهي. ابو بڪر گڏ هلڻ

جي تمنا ظاهر ڪئي ارشاد ٿيو تيار ٿيءِ تيار ٿيا بي بي عائشہ صديقہ ۽ اسماء ڪي توشہ دان ٻڌڻ لاءِ ڪائي شيءِ نہ ملي تہ ان پنهنجي ڪمربند ڦاڙي ٻَڌوحضور ڪين ذات النطاقتين جو لقب ڏنو.

حضرت ابو بڪر ٻہ اٺ تيار ڪيا هئا هڪ حضور ﷺ جي خدمت ۾ پيش ڪيائين ٻئي تي خود سوار ٿيو.پهرين منزل غار ثور هئي . حضرت ابو بڪر صديق رضي اللهپهريائين غار کي صاف ڪيو سوراخ بند ڪيا حضور ﷺ جن پنهنجي رفيق جي گوڏن تي سر مبارڪ رکي آرام فرمائي رهيا هئا غار ۾ هڪ سوراخ رهجي ويو هو هڪ زهريلي نانگ منهن ڪڍيو پرهن جان نثار حضور ﷺ جي آرام ۾ خلل گوارا نہ ڪيو ۽ ان تي پير رکيو نانگ ڏنگ هنيا زهر اثر ڪيو درد کان ڳوڙهاوهيا پر پاڻ جسم کي حرڪت بہ نہ ڏنن. اتفاق سان هڪ قطرو وهي حضور ﷺ جي چهري انور تي پيو حضور ﷺ جاڳيا فرماين ابو بڪر ڇا آهي؟ عرض ڪين سائين نانگ ڏنگيو آهي. پاڻ ان جاءِ تي لعاب دهن هنين ان ترياق جو ڪم ڪيو زهر دور ٿيو.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي پٽ عبدالله کي هدايت ڪئي تہ ڏينهن جو جيڪي مڪ ۾ واقعا پيش اچن سي رات جو اچي ٻڌاءِ. عامر بن فهيره غلام کي فرماين تہ ٻڪريون جهنگ ۾ چاري رات جو غار وٽ آڻي صبح جو عبدالله واپس ويندو هو تہ عامر ٻڪريون گهمائي نشانِ قدم ڊاهيندو هو رات جو ان ٻڪرين جو تازو کير پيئندا هئا. ٣ ڏينهن ٣ راتون ان حالت ۾ بسر ڪين. هي ڪاروائي ان احتياط سان عمل ۾ آئي جو ڪنهن کي شبهو بہ نہ ٿيو.قريش جڏهن حضور ﷺ جي قتل کان عاجز ٿيا تہ اعلان ڪيو جيڪو حضور ﷺ کي گرفتار ڪري آڻيندو ان کي سو اُٺ انعام ۾ ملندا. ڪيترا ماڻهوپٺيان پيا ڪا جاءِ نہ ڇڏين غار وٽ بہ ويا حضرت ابو بڪر رضي الله عنه پريشان ٿيا. ڪفار حضورﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي ڏسن پيا حضور ﷺ فرمايو اسان اڪيلا ناهيون الله تعالي اسان سان گڏ آهي. ڪفار واپس ٿيا. وچ ۾ سراقہ بن مالڪ بن جُعشم پيڇو ڪيو ان جو گهوڙو زمين ۾ ڳچي پيو اهو واپس ٿيو.

**غزوات:**

جنگ بدر ۾ شريڪ ٿيا قيد ٿيل ٧٠ ماڻهن جي باري اختلاف ٿيو، حضرت ابو بڪر راءِ ڏني تہ انهن کان پيسا فديہ ۾ وٺي ڇڏيو وڃي اها راءِ نرمي تي هئي حضور ﷺ جن ان راءِ کي پسند ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيوويو. احد حديبيہ ۾ بہ شامل هئا.سنہ٩ هجري ۾ تبوڪ جي لڙائي ۾ صحابہ جو چندو ڏنو جنگي سامان لاءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه گھر جو پورو سامان حضور ﷺ وٽ آندو. پاڻ فرماين اهل عيال لاءِ بہ ڪجھ ڇڏيو آهي. عرض ڪين انهن لاءِ الله ۽ رسول آهي.

سنہ٩ هجري ۾ حضور ﷺ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي امير الحج مقرر فرمايو ۽ فرمايو تہ منىٰ ۾ اعلان ڪري تہ هن سال بعد ڪوئي مشرڪ حج نہ ڪري ۽ نہ ڪوئي اگھاڙو ڪعبي جو طواف ڪري. (بخاري)

**خلافت:**

سنہ ١٠ ھ ۾ حضور ﷺ حجة الودع ۾ آيا واپس ٿيڻ تي مفصل خطبو ڏنو خدا هڪ ٻانهي کي دنيا ۽ عقبىٰ ۾ اختيار ڏنو هو پر ان عقبىٰ کي اختيار ڪيو حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ٻڌي روئڻ لڳو. ماڻهن کي عجب ٿيو تہ هي روئڻ جو موقعو آهي؟

هي سندن ديني فراست هئي جو سمجهي ويا تہ ٻانهي مان مراد حضور ﷺ آهي. ان تقرير بعد حضور ﷺ ڏينهون ڏينهن بيمار ٿيندا ويا مسجد ۾ نہ اچي سگهيا ۽ امامت لاءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي فرماين حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه نماز پڙهائڻ شروع ڪئي.هڪ ڏينهن حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه نماز پڙهائي رهيو هو تہ حضور ﷺ تشريف فرما ٿيا حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه حضور ﷺ کي ڏسي پوئتي هٽڻ چاهيو پر پاڻ اشاري سان منع فرماين ۽ پاڻ سندن ساڄي پاسي کان ويهي نماز ادا ڪئي. بظاهرحضور ﷺ جي طبيعت ڪجھ ٺيڪ هئي ان ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اجازت وٺي مقام سخ تي سندن زوجہ خارجہ بنت زهير رهندي هئي حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه واپس ٿيا انهي وقت حضور ﷺ جو وصال ٿي چڪو هو مسجد جي

دروازي تي وڏو هنگامو برپا هو پاڻ ڪنهن سان نہ ڳالهاين. سڌو حضور ﷺ جي مڪان ۾ ويا حضور ﷺ جي چهري انور تان نقاب ڪڍي پيشانيءَ تي چمي ڏئي روئي چوڻ لڳا:

”والله لايجمع الله عليک موتتين اما الموتة التي ڪتبت عليک فقد ذقتها ثم لم تصيبک بعده موتة ابدا.“

ترجمو: خدا جو قسم تہ الله تعالي توهان تي ٻہ موت گڏ نہ ڪندو جو توهان تي موت لکيل هو سو توهان چکيو وري ان بعد توهان تي ٻيو موت ڪڏهن نہ ايندو.

پوءِ چادر وجهي ٻاهر آيا حضرت عمر رضي الله عنه جوش ۾ تقرير ڪري رهيو هو قسم ڪڻي پيو ۽ حضور ﷺ جي انتقال ڪان انڪار ڪري رهيو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه هي حال ڏسي فرمايو عمر تون ويهہ پر ان جوش ۾ ڪو خيال نہ ڪيو. پاڻ ٻي جاءِ تي بيهي تقرير ڪين.سڀ ماڻهوسندن وٽ آيا حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اڪيلو رهجي ويو.

پاڻ فرمايو: ”اما بعد فمن ڪان يعبد محمدا فان محمدا قد مات ومن ڪان يعبدالله فان الله حي لايموت قال الله تعالي وما محمد الا رسول قد خلت من قبله الرسل افان مات او قتل انقلبتم علي اعقابڪم “

ترجمو:حمد و صلات بعد تہ جيڪو حضور ﷺ جي عبادت ڪندو هو تہ حضور ﷺ وصال فرمائي ويا ۽ جيڪو الله جي عبادت ڪندو هو تہ الله تہ جيئرو آهي نہ مرندو الله تعالي فرمايو تہ محمد رسول آهي ان ڪان اڳ ۾ بہ رسول گذريا آهن ڇا پوءِ جيڪڏهن محمد ﷺ وصال ڪري وڃي يا قتل ڪيو وڃي تہ توهان پنهنجي ڪڙين تي ڦرندؤ؟هي تقرير ايتري تہ دل نشين هئي جو هر هڪ جي دل مطمئن ٿي خاص ڪري جيڪا آيت تلاوت ڪين باموقع هئي جو هر هڪ عام ۽ خاص جي زبان تي هئي.

حضرت عبدالله رضي الله عنه فرمايو تہ اسان سمجهيو تہ اها آيت هاڻي نازل ٿي آهي.(بخاري)

**سقيفہ بني ساعده:**

حضور ﷺ جي انتقال جي خبر مشهور ٿينديئي منافقن جي سازش سان مديني ۾ خلافت جو فتنو اُٿيو انصارن سقيفہ بني ساعده ۾ گڏ ٿي خلافت جو بحث ڇيڙيو. مهاجرين کي خبر پئي تہ اهي بہ گڏ ٿيا معاملہ ان حد تائين پهتو تہ جيڪڏهن حضرت ابو بڪر ۽ عمر رضي الله تعالي عنهما کي اطلاع نہ ٿئي ها تہ مهاجرين ۽ انصار ۾ جنگ ڇڙي پوي ها! ان طرح سلام جو ڏيئو هميشہ لاءِ وِسي وڃي ها! حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر رضي الله عنه وقت تي پهچي ويا. انصار دعوىٰ ڪئي تہ هڪ امير اسان مان هجي هڪ توهان مان ممڪن هو تہ اڳتي هلي خلافت مستقل طور تي انصار ڏي منتقل ٿئي ها! پر مشڪل هيءَ هئي تہ قريش انصار جي اطاعت نہ پيا ڪري سگهن وري انصار جا ٻہ قبيلا هئا اوس خزرج، ان ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه چيو تہ امراء اسان جي جماعت مان ٿيندا وزراء توهان جي مان. اتي خباب بن الارت انصاري صحابي ڳالهايو تہ "خدا جو قسم هڪ امير اسان جو هڪ توهان جو. جڏهن ابوبڪر صديق رضي الله عنه هي جوش ڏٺو تہ نرمي سان انصار جا فضائل بيان ڪري فرماين تہ صاحبو! مون کي توهان جي محاسن کان انڪار نہ آهي پر پورو عرب قريش کان سواءِ ڪنهن جي حڪومت تسليم نہ ڪندو وري مهاجرين پنهنجي تقدم اسلام ۽ رسول الله ﷺ سان خانداني تعلقات جي باعث نسبة توهان کان زياده استحقاق رکن ٿا هي ڏسو ابو عبيده بن الجراح ۽ عمر بن خطاب موجود آهن ان مان جنهن جي هٿ تي چاهيو بيعت ڪيو پرحضرت عمر رضي الله عنه اڳ ۾ ئي هٿ وڌائي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي هٿ ۾ هٿ ڏئي چيو. نہ بلڪ توهان جي هٿ تي بيعت ڪيون ٿا ڇوتہ توهان اسان جا سردار ۽ اسان ۾ سڀ کان بهتر آهيو ۽ حضور ﷺ جن توهان کي سڀ کان عزيز پيارو رکندا هئا (بخاري)

اتي سڀني مجمع وارن بيعت ڪئي. ٻئي ڏينهن مسجد ۾ بيعت عام ٿي.

**خلافت جو دور:**

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه مسندِ خلافت تي آيا تہ ڪيترين ئي

مشڪلات پيش آيون. ڪوڙا نبوت جامدعي پيو مرتدين اسلام ٿيون منڪرين زڪوات.ان سان گڏ اسامہ بن زيد جي مهم درپيش هئي هن ڪي حضور ﷺ پنهنجي حياتيءَ ۾ شام تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو صحابہ جي راءِ هئي تہ هي مهم ملتوي ڪري مرتدين ۽ مدعيان نبوت کي ختم ڪيو وڃي پاڻ فرماين هن لشڪر کي ضرور موڪليو وڃي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو: خدا جو قسم جيڪڏهن مدينو ماڻهن کان خالي ٿئي ۽ درندا منهنجي ڄنگهہ ڇڪن تڏهن بہ مان هن لشڪر اسامہ کي نہ روڪيندس (تاريخ الخلفاء) پاڻ لشڪر اسامہ کي موڪليو ۽ حضرت اسامہ گهوڙي تي سوار پاڻ پيادل نصيحتون پيا ڪن.اهو لشڪر ۴۰ ڏينهن ۾ ڪامياب ٿي واپس آيو.حضرت ابو بڪر صديق ان جو استقبال ڪيو.

مسيلمہ ڪذاب جي جنگ ۾ شرجبيل بن حسنہ روانو ٿيو ۽ خالد بن وليد مدد لاءِ ويو مسيلمہ حضرت وحشي جي هٿان قتل ٿيو. سجاح نبوت جي دعوىٰ ڪئي پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ مسيلمہ ڪذاب يمامي سان شادي ڪئي.خالد بن وليد، طليحہ جي جماعت سان حملا آور ٿيو انهن کي شڪست ڏنائين طليحہ ڀڄي ويو وري نئون مسلمان ٿيو.اسود عنسي قيس بن مڪشوح ۽ فيروز ديلمي جي هٿان نشي جي حالت ۾ واصل جهنم ٿيو.

مرتدين اسلام جي سرڪوبي ڪين، منڪرين زڪوات سان جنگ ٿي هي توبہ تائب ٿيا زڪات بارگاهہ خلافت ۾ ڪٺي حاضر ٿيا.

**جمع قرآن:**

جنگ يمامہ ۾ قارين، حافظن جي وڏي جماعت شهيد ٿي ان ڪري حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي چيو جيڪڏهن اهو سلسلو قائم رهيو تہ قرآن شريف جو وڏو حصو ضائع ٿي ويندو. تدوين وجمع قرآن ڪئي وڃي پهريان پاڻ عذر ڪين تہ جيڪو ڪم حضور ﷺ جن نہ ڪيو آهي اهو مان ڪيئن ڪيان؟ پر حضرت عمر رضي الله عنه جي اصرار تي ڪين ۽ چين تہ نيڪ ڪم آهي زيد بن ثابت ان لاءِ مقرر ٿيو متفرق اجزاء کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ جمع ڪيو ويو. (بخاري)

## مرض الموت ۾ استخلاف حضرت عمر فاروق رضي الله عنه :

پاڻ بيمار ٿيا مرض وڌندو پيو وڃي. جانشين بابت صحابہ سان مشورو ڪين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو نالو پيش ڪين عبد الرحمان بن عوف چيو تہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي اهل هجڻ ۾ ڪو شبهو نہ آهي پر اهو ڪنهن قدر سخت آهي حضرت عثمان غني رضي الله عنه چيو تہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو باطن ظاهر کان سٺو آهي. سخت هئڻ ڪري صحابہ کي پريشاني هئي حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه فرمايو تہ جڏهن ان تي خلافت جوبار پوندو تہ ان کي خود نرم ٿيڻو پوندو.

## وصال، تجهيز و تڪفين:

پاڻ فرماين تہ جيڪي ڪپڙا منهنجي بدن تي آهن ڌوئي ٻين ڪپڙن سان گڏ ڪفن ڏجو .حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها عرض ڪيو هي تہ پراڻا ڪپڙا آهن ڪفن لاءِ نئون ڪپڙو هئڻ کپي پاڻ فرماين زنده، مُردن جي بنسبت نون ڪپڙن جا زياده حقدار آهن منهنجي لاءِ هي پراڻو ڦاٽل ڪپڙو ڪافي آهي.٢٢ جمادي الثاني سنہ١٣ هجري ۾ سومر جي ڏينهن سندن وفات ٿي.

## جمهوري حڪومت جو بنياد:

مجلس شوريٰ مقرر نہ هئي پر اهم ڪم پيش ايندو هو تہ ممتاز مهاجرين ۽ انصار گڏ ڪري انهن کان راءِ وٺي فيصلو ڪندا هئا.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ، حضرت عثمان غني رضي الله عنه ت،عالي عنہ حضرت علي ڪرم الله وجهه ،حضرت عبد الرحمان بن عوف رضي الله عنه ، حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه ، حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه ۽ حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه هي سڀ بزرگ صحابہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي خلافت ۾ فتويٰ ڏيندا هئا. .(ابن سعد قسم ۴ ج ٢ ص١٠٩)

## فضائل:

حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي صحبت ۽ مال جي لحاظ کان منهنجو سڀ کان وڏو محسن آهي جيڪڏهن مان خدا کانسواءِ ڪنهن کي دوست بڻايان ها!تہ حضرت ابوبڪر صديق

ﷺ کي ٻٽايان ها! پر اسلامي اخوت ۾ محبت افضل آهي. (بخاري)ان بعد حکم ٿيو تہ مسجد جي احاطي ۾ جيترا دروازا آهن حضرت ابوبکر صديق ﷺ جي دروازي کانسواءِ بند ڪيا وڃن. تقرير جي حالت ۾ رقت طاري ٿي ويندي هئي. هڪ ڀيري منبر تي چڙهيا تہ فرمايائين مان جتي بيٺو آهيان گذريل سال خود رسول الله ﷺ هتي تشريف فرما هئا هي چئي زارو قطار روئڻ لڳا.

**تعبير رؤيا:**

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها حضور ﷺ جي وفات کان ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ خواب ۾ ٣ چنڊ پنهنجي حجري ۾ لهندي ڏٺا. حضرت ابوبکر صديق ﷺ کي ٻڌاين ان وقت پاڻ خاموش رهيا پر جڏهن حضور ﷺ جي وفات ٿي حجري ۾ مدفون ٿيا تہ فرمايائين. عائشہ! هي تنهنجي حجري جو پهريون ۽ سڀ کان بهتر چنڊ آهي.(مؤطا امام مالڪ)

**زهد:**

وصال وقت وصيت ڪين تہ منهنجو فلاڻو باغ وڪڻي بيت المال جو قرض ادا ڪيو وڃي.۽ جيڪا بہ شيءَ وڌيڪ نظر اچي اها عمر بن خطاب ڏي موڪلي وڃي حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها فرمائي ٿي تہ سندن وفات وقت جائزو ورتو ويو تہ هي شيون وڌيڪ نڪتيون هڪ غلام هڪ ٻانهي ۽ ٻہ ڏاچيون اهي سڀ حضرت عمر فاروق ﷺ جي حوالي ڪيون ويون.

حضرت عمر فاروق ﷺ جي اکين مان ڳوڙها وهيا فرمايائين اي ابوبکر خدا تو تي رحم ڪري تو مرڻ کان پوءِ بہ تقويٰ جي دامن نہ ڇڏي ۽ نہ ڪنهن کي نڪتہ چيني جو موقعو ڏنو. (خلفاءِ راشدين، شاهہ معين الدين احمد)

# ميڊيڪل انشورنس جي شرعي حيثيت

## ترتيب: مولانا محمد رحيم سڪندري

'ميڊيڪل انشورنس' جو ترجمو آهي: طبي اطمينان. انشورنس کي ’بيمہ‘ بہ چيو ويندو آهي، تنهن ڪري ترجمو ’طبي بيمو‘ هوندو. عام ماڻهو ۽ انشورنس ڪمپني جي وچ ۾ هڪ معاهدو هوندو آهي تہ ڪنهن نامعلوم نقصان جي صورت ۾ هڪ مقرر رقم ادا ڪئي ويندي آهي، مقرر رقم هڪدم يا قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي آهي، ان کي پريميئم چئبو آهي.
(اردو دائرۃ معارف اسلاميہ ۴/۴۵۶ لاهور)

سمنڊ جي سفر دوران، واپاري پاڻ ۾ پئسا گڏ ڪندا هئا تہ جيڪڏهن ڪنهن کي حادثو ٿئي ٿو تہ ان جي نقصان جي تلافي ان مان ڪئي ويندي، ان جي تاريخ ۱۳۴۷ ٻڌائي ويندي آهي. جان، ملڪيت، عضوا، قيمتي دستاويز، سرٽيفڪيٽ ۽ ذميواريون انشورنس ڪيون وينديون آهن، هتي اسان طبي انشورنس بابت ڳالهائي رهيا آهيون.

اڄڪلهہ، هڪ طرف، ڪيتريون ئي بيماريون آهن، ٻئي طرف، علاج مهانگو ٿي رهيو آهي، هر شخص لاءِ قيمت ناقابل برداشت آهي. خاص طور تي مٿين عضون ۽ ڪينسر جي بيمارين ۾، قيمت ناقابل بيان حد تائين ناقابل برداشت آهي؛ اهو ئي سبب آهي تہ طبي انشورنس مشهور ٿي رهي آهي؛ پر دنيا "سرمائيدارانہ نظام" جي حڪمراني ۾ آهي، معيشت جي هر شڪل ۾ سود جي نوعيت غالب آهي، مفڪر صرف سود جي نقطي نظر کان سوچيندا آهن. صرف سود جون صورتون سامهون اچن ٿيون؛ جيتوڻيڪ ان ۾ تعاون جو ڪو ظاهري پهلو هجي، اهو ئي سبب آهي تہ انشورنس جي شڪلن ۾ شايد اهڙي ڪا بہ صورت ناهي، جنهن تي سود يا جوا يا ٻئي لاڳو نہ ٿين. طبي انشورنس ۾ بہ ساڳيو سبب موجود آهي؛ تنهن ڪري، عام حالتن ۾، طبي انشورنس غير قانوني آهي؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪا بيماري محدود عرصي اندر ٿئي ٿي، تہ پئسا سود سان وصول ڪيا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن بيماري نہ ٿئي، تہ جمع ڪيل

پئسا واپس نہ ڪيا ويندا آهن تہ جوا جي تعريف ۾ اچي وڃي ٿي.
طبي انشورنس جو حل اهو نہ آهي تہ موجوده حالتن ۾ ڇا جائز آهي، يا چالاڪين ذريعي ڇا حرام آهي ان کي اختيار ڪيو وڃي. بلڪ، عالمن، قوم جي اڳواڻن ۽ خيرخواهن کي گڏجي ويهڻ گهرجي ۽ ان لاءِ متبادل شڪل ڳولڻ گهرجي. قومي تنظيمن ذريعي متبادل تيار ڪرڻ ڏکيو ناهي. ڏکڻ هندستان ۾، ڪجهہ غير مسلم اڳواڻن مفت طبي ادارا قائم ڪيا آهن ۽ اهي هر ڪنهن جو علاج ڪن ٿا مفت ۾. جڏهن تہ سندن مذهب ۾ آخرت جو تصور مڪمل طور تي مبهم ۽ سراب وانگر آهي، اهي اجا تائين پنهنجي مذهب جي امير ماڻهن کان تعاون حاصل ڪري تمام گهٽا مهانگا ادارا هلائيندا آهن. مسلمانن وٽ آخرت جو تصور آهي، انهن ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو آهي ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ لاءِ فخر جي جرئت آهي. تنهن ڪري، مسلمانن لاءِ ضروري آهي تہ هڪ اهڙو ادارو هجي جيڪو ضرورتمندن کي انهن بيمارين جو علاج بلڪل مفت فراهم ڪري ۽ مسلمانن کي موت کان بچائڻ جو انتظام ڪري. آخرڪار، ڇا مذهبي اسڪول مذهبي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ بلڪل مفت تعليم فراهم ڪري رهيا آهن؟ ڇا قومي تنظيمون قوم لاءِ گهڻو پئسو خرچ ڪري انهن جي مفادن ۾ ڪم ڪري رهيون آهن يا نہ؟ جيڪڏهن توهان ان بابت سوچيو ٿا، تہ انشورنس جو متبادل سامهون اچي سگهي ٿو. ڪم ضرور ڏکيو آهي؛ پر ناممڪن ناهي.
جيڪڏهن ممڪن هجي، تہ اهو پڻ غور ڪيو وڃي تہ حڪومت کي پريميئم پئسا وصول ڪرڻ کان سواءِ عوام سان تعاون ڪرڻ جي درخواست ڪئي وڃي. هن صورت ۾، جيتوڻيڪ تعاون جي رقم گهٽ هجي، ڪو مسئلو ناهي، اهو حلال جي دائري ۾ رهندو.

## باهمي تعاون جي صورت

اهو پڻ ممڪن آهي تہ نالي وارا مسلمان گڏ ٿين ۽ طبي تعاون جي عنوان هيٺ پئسا گڏ ڪن ۽ اهو طئي ڪيو وڃي تہ جيڪي ماڻهو گڏ ڪري رهيا آهن انهن جو علاج ساڳئي گڏ ڪيل پئسن سان ڪيو ويندو، پلي ڪيترو

۽ خرچ ڪيو وڃي.

## طبي انشورنس جي شرعي حيثيت

جيئن تہ طبي انشورنس ۾ سود ۽ جوا ٻئي شامل آهن، ان ڪري عام حالتن ۾ ان جو استعمال غيرقانوني آهي. ان ۾ جمع ٿيل قسطن کان وڌيڪ منافعو شامل آهي، جيڪو سود آهي، ۽ جيڪڏهن توهان مقرر ڪيل مدت اندر بيمار نہ ٿيو تہ پئسا واپس نہ ڪيا ويندا؛ تنهن ڪري، اهو جوا آهي، ۽ خطري تي ملڪيت جو پهلو غالب آهي. تعاون جو پهلو غير سرڪاري ڪمپنين ۾ بلڪل موجود ناهي ۽ سرڪاري ڪمپنين ۾ ڪجھ آهي؛ پر شروعاتي طور تي گڏ ڪيل پريميئم جي ڪري، اهو پڻ سود جي دائري ۾ اچي ٿو؛ تنهن ڪري، اهو غيرقانوني تعاون آهي.

## قانوني مجبوري ۾ طبي انشورنس

جيڪڏهن ڪنهن کي قانوني مجبوري جي ڪري طبي انشورنس وٺڻي پوي ٿي، تہ پوءِ ان جي گنجائش آهي؛ پر صرف مجبوري جي حد تائين. الاشباه و النظائر ۾ قاعدو آهي: ضرورت لاءِ جيڪا شيءِ جائز آهي اها ممڪن حد تائين طئي ڪئي ويندي آهي.

يعني: جيڪو مجبوري جي ڪري جواز جي دائري ۾ آندو ويندو آهي ان کي ان مجبوري جي حد تائين محدود سمجهيو ويندو آهي.

۽ جيڪڏهن شرط پوري ٿئي ٿي، تہ پوءِ اهو ان شخص لاءِ جائز آهي جيڪو جمع ٿيل رقم کان وڌيڪ جمع ٿيل رقم مان فائدو حاصل ڪرڻ تي مجبور آهي، ۽ اهو انهن لاءِ جائز ناهي جيڪي ائين ڪرڻ جي قابل آهن تہ جمع ٿيل رقم کان وڌيڪ جمع ٿيل رقم مان فائدو حاصل ڪن. ۽ جيڪڏهن هو فائدو حاصل ڪري ٿو، تہ پوءِ ضروري آهي تہ اها رقم بغير ڪنهن انعام جي خيرات ۾ ڏني وڃي.

## انشورنس ڪمپني ۽ علاج جا خرچ

ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن ڪا بيماري ٿئي ٿي، تہ "طبي انشورنس ڪمپني" سڌو سنئون نامزد اسپتال کي علاج جا خرچ ادا ڪري ٿي، ۽ ان مريض کي ادا نہ ڪندي آهي جنهن انشورنس ڪرائي آهي. اهو معاملو پڻ

جائز ناهي؛ ڇاڪاڻ تہ اسپتال جو قبضو مريض جي هٿ ۾ آهي، جيئن اسپتال مريض جو وڪيل آهي، ۽ وڪيل جي قبضي کي ڪلائنٽ جو قبضو سڏيو ويندو آهي.

۽ جيتوڻيڪ اهو سڌو سنئون مريض کي ڏنو وڃي، تڏهن بہ اهو غير قانوني آهي، يعني جيڪڏهن مريض ان کي برداشت ڪرڻ جي قابل هجي، تہ بہ هي اضافي رقم وٺڻ جائز ناهي، هو صرف اها رقم وٺي سگهي ٿو جيڪا هن گڏ ڪئي آهي.

## اسپتالن جا طبي پيڪيج

اڄڪلهہ، ڪجهہ اسپتالون هڪ مخصوص مدت لاءِ طبي پيڪيج جاري ڪن ٿيون ۽ جيڪي ماڻهو هن پيڪيج کي قبول ڪن ٿا اهي هڪ مخصوص رقم ادا ڪن ٿا، ڪڏهن قسطن ۾، ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڀيرو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿئي ٿو تہ اسپتال سندس سڀ طبي خرچ برداشت ڪري ٿي، ۽ جيڪڏهن هو بيمار نہ ٿئي ٿو تہ اهو پئسو ضايع ٿي ويندو آهي ۽ واپس نہ ٿو ڪري سگهجي. مٿي ذڪر ڪيل معاملو سود ۽ جوا جو بہ آهي، تنهن ڪري، اهو غير قانوني آهي.

## حڪومت طرفان غريبن لاءِ طبي انشورنس

اڄڪلهہ، حڪومتون غريبن کان ٿوري رقم وٺي انهن کي طبي انشورنس ڪرائين ٿيون ۽ انهن کي هڪ ڪارڊ ڏين ٿيون، جنهن ذريعي اهي هتي ۽ نامزد اسپتالن ۾ مقرر ڊاڪٽرن کان علاج جا حقدار آهن. ان بابت، اهو عرض ڪيو ويو آهي تہ شريعت غريبن ۽ ضرورتمندن لاءِ ڪيترين ئي ضابطا رکيا آهن؛ تنهن ڪري، ان جي صحيحيت بابت ڪو شڪ ناهي؛ جڏهن علاج واقعي ضرورتمندن جي وس کان ٻاهر آهي.

# ايمان ۽ سائنس: رستا ٻه منزل هڪ

## علامه علي اڪبر راهمون سڪندري

انساني تاريخ جي ابتداء علم، جستجو ۽ جيئري رهڻ جي خواهش سان ٿي.جڏهن انسان هن ڌرتيءَ تي نروار ٿيو، ته پنهنجن ظاهري، باطني حواسن جي مدد سان دنيا کي ڏسڻ، سمجهڻ، پرکڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وقت کان ئي سندس اندر هڪ ٻيو سفر شروع ٿيو—روح، قدرن، ۽ حقيقت جي تلاش جو. هي ٻه ڌارا—ايمان ۽ سائنس—درحقيقت انسان جي هڪ ئي وجود جا ٻه پاسا رهيا آهن، جيڪي هر دور ۾ جدا ته ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر انهن جو سرچشمو ۽ مقصد هڪ ئي رهيو، جيڪو آهي "حقيقت جي تلاش".

اڄ جي دور ۾ روح، قدرن ۽ حقيقت جي منڪرين ۽ شڪي مزاج لبرلن هڪ دفعو وري سوال اٿاريو آهي،ته ڇا ايمان ۽ سائنس گڏ گڏ هلي سگهن ٿا؟

تاريخ ۽ منطق ان جو جواب ڏنو آهي! ها، اهي پوري طرح گڏجي هلي سگهن ٿا ۽ گڏجي هليا به آهن. هي غلط فهمي ته سائنسدان لازماً دين جا منڪر ٿيندا آهن، يا مذهبي ماڻهو سائنس کان بي خبر ٿيندا آهن، تاريخ، فطرت ۽ منطق جي روشنيءَ ۾ ڪوڙي ثابت ٿي آهي. ايمان انسان کي روحاني ۽ اخلاقي بنياد ڏيندو آهي، خدائي حڪمن موجب ، زندگي گذارڻ جي هدايت ڏيندو آهي. جڏهن ته سائنس مادي دنيا جي ڪيفيت ۽ ڪارڪردگيءَ کي ڳولي ٿي. ٻنهي جي ڪمن جا دائرا الڳ الڳ آهن، پر انساني وجود ۾ اهي الڳ الڳ رستن تي هڪ ئي حقيقت جي تلاش ڪري سگهن ٿا.

### قديم دور: هڪ هستي جو تصور، مشاهدي ۽ فڪر جو سفر:

تاريخ جي قديم ترين آثارن، جيئن ته بابلي، مصري، ۽ هندستاني تهذيبن ۾،مذهبي رسمن جا واضح نشان ملن ٿا. ان زماني ۾ به انسان پنهنجي تجسس جي فطرت کان مجبور ٿي،آسماني ڪائنات ڏانهن نه صرف واجهائيندو هو، پر جُهڪندو به هو. ان مان ڪائناتي وجودن کي

سمجهڻ، پرکڻ جي لاءِ فڪري روشني بہ حاصل ڪندو هو. انهن تهذيبن ۾ سائنس اجا جدا علم نہ هو، بلڪہ مذهب، فلڪيات، طب، ۽ فطرت جي مشاهدن سان مخلوط هو. يوناني فلسفين افلاطون، ارسطو، ۽ فيساغورث بہ حقيقت جي تلاش ڪي علم ۽ ايمان جي ميلاپ سان ڏٺو.

يوناني دور ۾ سائنس تجربي تي، ۽ فلسفو وجود جي معنيٰ تي غور فڪر ڪندو رهيو. پر سندن مذهب روايتي خدائن جي عبادت تائين محدود هو، جڏهن تہ عبراني نبوي روايت ۾، ايمان ڪي هڪ زنده، متحرڪ، ۽ اخلاقي قوت جي طور تي پيش ڪيو ويو. حضرت ابراهيم عليہ السلام جو "هڪ خدا" تي ايمان، ۽ حضرت موسىٰ عليہ السلام جي قوم ڪي علم ۽ شريعت ڏيڻ، ايمان جي فڪري ترقي جا اهم مثال آهن.

## اسلامي عروج جو دور: ايمان ۽ سائنس جو اتحاد

اسلامي تاريخ جو عظيم دور،خاص ڪري عباسي خلافت جو دور (٨هين–١٣هين صدي) هو،ان ۾ علمي جستجو ۽ فڪري وحدت جو بهترين مظاهرو هو، يوناني، قديم فارس ۽ هند جي علمي خزانن ڪي دريافت ڪري، بيت الحڪمت قائم ڪيو ويو جتي عربي ۾ ترجمو ڪري اهي علوم عام ڪيا ويا. جتي ايمان، عقل، ۽ سائنسي تحقيق هڪ ئي ماخذ تان فيض حاصل ڪندا رهيا. قرآن پاڪ ۾ بار بار تدبر، تفڪر، علم، ۽ فطرت جي نشانين ڏانهن ڌيان ڏيارڻ، مسلمانن ڪي تجربي، مشاهدي، ۽ نتيجي تي ٻڌل علمن طرف راغب ڪيو. جنهن جا شاهد تاريخي دفتر آهن.

ابن سينا ، الرازي، ابن الهيثم، الخوارزمي، البيروني، ۽ ٻين مسلمان عالمن سائنس ۽ ايمان جي تڪرار بدران، انهن جي هم آهنگي ڪي بيان ڪيو. ابن الهيثم جو تجرباتي طريقو سائنس ۾ جديديت جي شروعات هو، ابوالحسن اشعري ۽ ابو منصور ماتريدي جو عقلي دليلن سان اسلامي عقيدن ڪي ثابت ڪرڻ فلسفي ۽ معقولات ۾ هڪ نئون باب رقم ڪيو، ۽ غزاليءَ جي فلسفيانہ نقد، علم ڪي روحاني تربيت سان ڳنڍي ڇڏيو.

اسلامي فڪر، فلسفي ۽ تجربن جي روشني ۾ غور فڪر فقط مادي شين

تائين محدود نہ هو، پر اخلاقي، روحاني، ۽ نفع بخش پهلو بہ شامل هئا. تنهنڪري اسلامي سائنس، هڪ "عبادت" جي صورت اختيار ڪئي، ۽ علم کي الله جي معرفت جي وسيلن مان سمجهيو ويو. اسلامي علم ڪلام ۾ حواس خمسه ظاهري ۽ عقل وفڪر کي بہ علم باليقين جا سبب، ذريعا ۽ سرچشما تسليم ڪيا ويا.

## يورپي بيداري:

سائنس، فلسفي کان ڏار واٽ ان وقت اختيار ڪئي، جڏهن اولهہ ۾ قرون وسطیٰ دوران، چرچ جي ظلم ، بائبل جي قدامت پرستي، علمي، فڪري جمود ۽ تجرباتي علم جي بي قدري سبب سائنسدانن ۽ سائنس، فلسفي جي ڪتابن کي دٻايو ۽ جلايو ويو، پوءِ ١٦هين صديءَ جي "نشاة ثانيه" دوران، ڪاپر نيڪس، گليليو، نيوٽن، ۽ ڊارون جي تحقيقات مادي ڪائنات کي قانونن، حرڪتن، ۽ فطري اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ، پرکڻ شروع ڪيو.

پر يورپ جي هن فڪري آزاديءَ ۾، مذهب کي رڪاوٽ تصور ڪيو ويو، پاپائيت، ۽ توهمات جو ذريعو سمجهي، ان کان پاڻ کي ڌار ڪيو ويو. Enlightenment (روشن فڪري دور) ۾ عقل، سائنس، ۽ انسانيت کي مرڪزي حيثيت ملي، ۽ مذهب کي نجي معاملو بڻايو ويو.

هيءُ ڌار ٿيڻ دراصل تاريخي مجبورين، ۽ پاپائيت جي ظلم ۽ تنگ نظري جو نتيجو هو، علحدگي جو فيصلو علمي ضروريات جي ڪري نہ ٿيو هو. اهڙين حالتن ۾ سائنس پنهنجي نون اصولن، تجربن، ۽ نظريات سان ترقي ڪندي رهي، پر "وجود جي معنیٰ"، "اخلاق جي ماخذ"، ۽ "روح جي سڪون" لاءِ ڪو متبادل نہ ڏئي سگهي.

## جديد سائنس جو بحران: خالي مادي ڪائنات؟

٢٠هين صديءَ جي آخر تائين، سائنس وڏي حد تائين نيوٽني مادي تصور جي تابع رهي، جنهن ۾ مڪان، زمان، حرڪت، ۽ توانائي بنيادي حقيقتون رهيون. پر پوءِ ڪوانٽم ميڪانيڪس، ريليٽوٽي، ۽ ڪازلٽي

جي ٿيڻ سان انسان کي ڌڪ لڳو تہ مادي سائنس جو حتمي تصور غير يقيني بڻجي ويو.

ساڳئي وقت، جديد انسان جي داخلي اڻ تڻ، بي چيني، وجودي بحران، بي مقصد زندگي، ۽ اخلاقي لاوارثي انسانيت کي مجبور ڪيو تہ هو وري ماديت کان مٿاهين هستي ڏانهن ڏسي، حقيقت کي مذهبي، ۽ اخلاقي پيغام ۾ تلاش ڪري.

انهن حالتن ۾ سائنس پاڻ ئي مابعد الطبعيات، شعور جي حقيقت، ۽ قدرن جي اهميت تي سوال اٿارڻ لڳي. رچرڊ ڊاڪنس وانگر ملحد سائنسدان جي ساڄاھ کان وڌيڪ، فريمان ڊائسن، پال ڊيئروڪ، آئن اسٽائن، ۽ روجر پينروز جهڙا سائنسدان انسان جي شعور ۽ ڪائنات جي "معنيٰ" بابت روحاني سوالن کي سنجيده وٺڻ لڳا.

## ايمان جي واپسي: سائنسي تحقيق کان پوءِ روح جو سڏ

٢١هين صديءَ ۾ انسان جي بي چيني، داخلي تڪليف ۽ سائنس جي محدود تعريف انسان کي ٻيهر ايمان ڏانهن موٽڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. ملحد سائنسدان سام هيريس بہ «مذهب کان خالي روحانيت» جي ڳولا ڪري رهيو آهي، پر اهو تجربو ان وقت تائين اڌورو رهندو، جيستائين حقيقت جو شعور نہ ملي.

قرآن پاڪ چوي ٿو:

"سَنُرِيهِمْ آيَاتِنَا فِي الآفَاقِ وَفِي أَنفُسِهِمْ حَتَّى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ أَنَّهُ الْحَقُّ"

("اسان انهن کي پنهنجي نشانيون ڏيکاريندا سين آسمانن ۾ ۽ سندن پاڻ ۾، تان جو انهن تي ظاهر ٿي پوي تہ بيشڪ اهو (قرآن) سچ آهي")

هيءَ آيت سائنس جي ترقي روح جي بيداري ٻنهي جو سنگم آهي. ايمان انسان جي دل، روح، ۽ ضمير کي اطمينان ڏئي ٿو، ۽ سائنس انسان جي عقل کي معقوليت، نظم، ۽ قانون پسندي سيکاري ٿي.

حاصل ڪلام تہ

اڄ جو انسان واپس اُن چؤواٽي تي بيٺو آهي، جتان قديم انسان سفر شروع

ڪيو هو: عقل ۽ روح جي گڏيل واٽ تي هلڻ لڳو هو. پر اڄ جو رستو وڌيڪ واضح، تجربن سان مالامال، ۽ اخلاقي حوالن سان مضبوط آهي.

ايمان، سائنس کي مقصد ڏي ٿو، ۽ سائنس، ايمان کي دنياوي دليلن سان قوت ڏئي ٿي. حقيقت جي تلاش ۾، انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي سان نه ٽڪرائڻ گهرجي، بلڪ سچائيءَ جي جامع تصور ڏانهن گڏ هلڻ گهرجي.

پڇاڙي ۾ هڪ سوال ته

ڇا انسان رڳو تجربن جون نوڪرون ڪائي سجاڳ ٿئي ٿو ؟ يا ان جي اندر ڪو الاهي شعور به سمايل آهي، جيڪو ڪائنات کان به وڏي حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو؟

هن جو جواب اسان جي دل، فڪر، ۽ ايمان جي گڏيل روشنيءَ ۾ لڪل آهي.

آخر ۾ عرض ته مذهب ۽ ايمان جي منڪرن ۽ لبرلن جي غلط فهمي جو ازالو ڪرڻ ۽ پروپيگنڊا کي ٻنجو ڏيڻ لاء اڄ دور ۾ مسلمانن لاءِ ضروري آهي ته ايمان جي روحاني روشني ۽ سائنس جي تجربي واري قوت کي هڪ ڀيرو ڀيهر گڏ ڪٺي هلن. ماضي ۾ جيئن عباسي دور ۾ بيت‌الحڪمت جي ذريعي مسلمانن علمي قيادت سنڀالي، تئين اڄ به ضرورت آهي ته فلسفي، فڪر، ۽ سائنسي تحقيق کي گم ٿيل ميراث سمجهي ڀيهر حاصل ڪجي. جئين رومي رحمت الله عليہ انسان کي اندروني ڪمال ۽ الوهي عشق ڏانهن سڏ ڏئي ٿو، تئين اقبال مسلمان کي خودي، جراتِ فڪر، ۽ تخليقي عمل سان دنيا جي قيادت لاءِ تيار ڪري ٿو. سائنس سان شغف نه صرف دنياوي ترقي لاءِ، پر ڪائنات جي حقيقت جي تلاش ۽ ايمان جي تقويت لاءِ به گهربل آهي. جيڪڏهن مسلمان ايمان جي اخلاقيات ۽ سائنس جي معقوليت کي گڏ ڪن، ته هو ڀيهر عالمِ انسانيت جي فڪري، علمي ۽ اخلاقي قيادت سنڀالي سگهن ٿا—جيئن ماضي ۾ سندن اسلاف ڪيو.

# موجوده حالات ۾ قرآني هدايتون

## حافظ محمد بخش سڪندري

انسان پاران پيش ڪيل خيال وقت سان گڏ متروڪ ٿي ويندا آهن، مفڪرن پاران پيش ڪيل حل مستقبل ۾ متروڪ ٿي ويندا آهن. انداز جيڪو موهيندڙ آهي ۽ دل کي ڇهندڙ ۽ ڇُهندڙ بيان ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجي اپيل وڃائي ڇڏيندو آهي؛ پر قرآن پاڪ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هميشه پنهنجي پوري گرمجوشي سان تازو ۽ زنده آهي. صديون گذري ويون آهن، وقت گذري ويا آهن، نه ته ان جي انداز جو شان گهٽجي ٿي، نه ئي ان جي مٺاس گهٽجي ٿي، ۽ نه ئي ان جي تعليمات انسانيت جي رهنمائي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿيءِ ٿي چو نه. جڏهن سڀ ڪجهه ڄاڻڻ واري خدا ان کي هر پهلوءَ ۾ مضبوط ۽ مستحڪم بڻايو آهي ۽ ان کي هر وقت ۽ سڀني انسانن لاءِ هڪ ابدي هدايت جي طور تي موڪليو آهي. قرآن پاڪ ۾ گذريل قومن جي واقعن جو انتخاب ۽ انهن کي پيش ڪرڻ جو طريقو ايترو شاندار آهي جو پڙهندڙ ماضي جي انهن ڪهاڻين ۾ موجوده تصوير کي واضح طور تي ڏسي سگهن ٿا، ۽ قدم قدم تي انهن واقعن جي تناظر ۾ رهنمائي موجود آهي، اهي پنهنجي وقت جي حالتن ۾ بهترين رهنمائي فراهم ڪن ٿا. اهڙي طرح قرآن پاڪ گذريل قومن جي واقعن ۾ ايندڙ قومن لاءِ وڏي پئماني تي نصيحت ڪٽي آيو آهي، الله تعالىٰ جو هي فرمان بلڪل سچ آهي:

﴿لَقَدْ أَنزَلْنَا إِلَيْكُمْ كِتَابًا فِيهِ ذِكْرُكُمْ أَفَلَا تَعْقِلُونَ﴾

"اسان توهان تي هڪ ڪتاب نازل ڪيو آهي جنهن ۾ توهان لاءِ نصيحت آهي. ڇا توهان نٿا سمجهو؟" (الانبياء: ١٠)

اڄ، مسلم امت عالمي ۽ قومي سطح تي وڏي بيوسي ۽ لاچاري جي دور مان گذري رهي آهي. جيئن هڪ زنجير ٽٽڻ تي تسبيح جا موتي هڪ کان پوءِ هڪ ڪري پوندا آهن، ساڳئي طرح، اڄ مسئلا ۽ چئلينج هڪ کان پوءِ هڪ تيزيءَ ۽ تسلسل سان سامهون اچي رهيا آهن. هر روز، ڪا نه ڪا

نئين آفت پيدا ٿئي ٿي جيڪا آزمائشن ۽ امتحانن جي سلسلي ۾ نوان ڪڙڪا شامل ڪري ٿي. مسلمان خوف ۽ مايوسي جو شڪار آهن ۽ انهن جي ذهنن ۾ مختلف سوال گردش ڪرڻ لڳن ٿا. قرآن پاڪ اسان کي واضح طور تي ٻڌايو آهي تہ دنيا ۾ صرف خراب ۽ ظالم ماڻهو ئي مسئلن ڪي منهن نہ ٿا ڏين؛ بلڪہ الله جي نيڪ ٻانهن ۽ سچ جي پوئلڳن کي بہ زندگي جي مختلف مرحلن تي ڏکين حالتن ۽ مصيبتن مان گذرڻو پوندو آهي، ۽ ان ۾ الله جي طرفان وڏي حڪمت آهي. قرآن پاڪ نيڪ ماڻهن جي آزمائشن جو ذڪر ڪندي اسان کي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ جڏهن بہ امت اهڙي سخت آزمائش مان گذرندي آهي تہ انهن حالتن ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. هيٺ اسين قرآن پاڪ مان ڪجهہ هدايتون پيش ڪريون ٿا، ۽ دعا ڪريون ٿا تہ الله تعاليٰ ان کي مفيد ۽ مفيض بڻائي. تنهن ڪري اچو تہ انهن هدايتن تي هڪ نظر وجهون:

١- تقويٰ: تقويٰ ڇا آهي؟ تقويٰ الله تعاليٰ سان اهڙي تعلق جو نالو آهي جنهن ۾ اها خواهش ۽ محبت ٻئي آهن جنهن جي ڪري الله تعاليٰ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ انسان لاءِ آسان ۽ محبوب ٿي ويندو آهي ۽ خوف جنهن جي ڪري نافرماني ڪرڻ انسان لاءِ مشڪل ٿي ويندو آهي. آزمائشون اڪثر ڪري الله تعاليٰ طرفان انساني غلطين جي نتيجي ۾ هڪ ڏيڇاريندڙ طور تي موڪليون وينديون آهن، تہ جيئن غفلت ۾ غرق ماڻهو هوش ۾ اچن ۽ الله ڏانهن رجوع ڪن، سندس دين جي حڪمن تي عمل ڪن ۽ سندس نافرماني کان بچن. اهڙيءَ طرح، تقويٰ جي صفت هر حالت ۾ مطلوب آهي؛ پر آزمائش جي دور ۾، ان جي اهميت تمام گهڻي وڌي ويندي آهي، صرف تقويٰ کي الله جي مدد ۽ سهارو ملندو آهي، ڏکيائي آسان ٿي ويندي آهي، ۽ مشڪلاتن مان نڪرڻ جو رستو هموار ٿي ويندو آهي. قرآن ۾ تقويٰ تي زور ڏنو ويو آهي، هڪ هنڌ چيو ويو آهي:

”وَمَن يَتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَل لَّهُ مَخْرَجًا، وَيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ

فَهُوَ حَسْبُهُ (الطلاق:٢-٣)

"۽ جيڪو الله کان ڊڄي ٿو، هو ان لاءِ نڪرڻ جو رستو ٺاهيندو ۽ ان کي اتان رزق ڏيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هوندو. ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري ٿو، تہ الله ان لاءِ ڪافي آهي."

٢- صبر: انسان کي اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اسان کي الله کي راضي ڪرڻو آهي، ۽ اسان کي هر حالت ۾ سندس دين تي مضبوطي سان قائم رهڻو آهي، ۽ پوءِ اسان کي ان لاءِ خواهشن کي قربان ڪرڻو پوندو، مفادن کي قربان ڪرڻو پوندو، جان ۽ مال، فصلن ۽ ڪاروبار جو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو، دشمنن جي دل ڏکوئيندڙ توهين کي ٻڌڻو پوندو ۽ مخالفت کي منهن ڏيڻو پوندو، ۽ الله جي خاطر سڀ ڪجهہ برداشت ڪرڻو پوندو، ۽ دين تي ثابت قدم رهڻو پوندو. صبر جي صفت سان سينگاريل ٿيڻ کان سواءِ ڪو بہ شخص مذمت ۽ ظلم جي دور مان نڪري نٿو سگهي. جڏهن بہ حق جي قافلي کي آزمائشن جو منهن ڏسڻو پوندو آهي، تہ انهن کي صبر، ثابت قدمي ۽ عاجزي جي نصيحت ڪئي وئي آهي. فرعون جڏهن ظلم جا جبل ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو، تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل کي الله کان مدد گهرڻ ۽ صبر ڪرڻ جي صلاح ڏني:

قَالَ سَنُقَتِّلُ أَبْنَاءَ هُمْ وَنَسْتَحْيِي نِسَاءَ هُمْ وَإِنَّا فَوْقَهُمْ قَاهِرُونَ، قَالَ مُوسَى لِقَوْمِهِ اسْتَعِينُوا بِاللهِ وَاصْبِرُوا إِنَّ الْأَرْضَ لِلهِ يُورِثُهَا مَن يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ (الأعراف:١٢٧-١٢٨)

(فرعون) چيو: اسين انهن جي پٽن کي قتل ڪنداسين، ۽ انهن جي عورتن کي زنده رکنداسين، ۽ اسان انهن تي مڪمل ڪنٽرول رکنداسين. موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو: "الله کان مدد گهرو ۽ صبر ڪريو. بيشڪ، زمين الله جي آهي. هو پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهي ٿو ان جو وارث بڻائي ٿو، ۽ آخري نتيجو صرف نيڪ ماڻهن لاءِ آهي."

٣- دعا: هر حالت ۾ دعا جي اهميت تمام گهڻي آهي: پر خاص طور تي آزمائش جي وقت ۾، ڪيترن ئي هنڌن تي دعا تي زور ڏنو ويو آهي.

ڏکين حالتن ۾ دين تي ثابت قدم رهڻ لاءِ ايمان جو صبر ۽ آزادي الله سان مضبوط تعلق کان سواءِ حاصل نہ ٿي سگهي، ۽ دعا الله تعاليٰ سان تعلق قائم ڪرڻ جو آسان ۽ اثرائتو طريقو آهي. جڏهن ڪو بيوس، لاچار ۽ پريشان بندو پنهنجي درد ۽ تڪليف ڪي الله تعاليٰ جي حضور دعا ۾ بيان ڪري ٿو، ان جي اڳيان ڏک ڪري ٿو، روئي ٿو ۽ دعا گهري ٿو، تہ الله تعاليٰ جي رحمت فوري طور تي هن بنده ڪي بدلائي ڇڏي ٿي. اهڙي طرح، ان ڪي روحاني سڪون، تسلي، ايمان تازگي ۽ قرباني لاءِ هڪ نئون عزم ۽ همت پيدا ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بہ الله تعاليٰ جي رسول صلي الله عليہ وسلم ڪي ڪا بہ ڏکيائي پيش ايندي هئي تہ پاڻ نماز ڏانهن رجوع ڪندا هئا. نماز لاءِ سندس جذبو اهڙو هو جو سفر هجي يا حضر، امن هجي يا جنگ، ، غم هجي يا خوشي، آرام يا جاڳڻ جو وقت، هڪ شيءِ جيڪا ڪڏهن بہ پنهنجي ترتيب ۾ تبديل نہ ٿيندي هئي اها نماز هئي. الله تعاليٰ هڪ کان وڌيڪ موقعن تي خاص طور تي انهن ماڻهن تي زور ڏنو آهي جيڪي آزمائشن ۾ گهريل آهن، فرمائي ٿو:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اسْتَعِينُوا بِالصَّبْرِ وَالصَّلَاةِ

إِنَّ اللَّهَ مَعَ الصَّابِرِينَ"(البقرة:١٥٣)

"اي ايمان وارؤ! صبر ۽ نماز سان مدد وٺو. بيشڪ الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.

۴- جوابدهي: دين جي پيروي ڪرڻ جي راهہ ۾ پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن، شريعت تي عمل ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن، ۽ مسلمان ۽ الله جي ڪلام جي ڪري برداشت ڪرڻ وارين تڪليفن ۽ نقصانن کان دل هارائڻ ۽ مايوس ٿيڻ جي بدران، انسان کي انهن مصيبتن لاءِ الله کان اجر ۽ ثواب جي اميد رکڻ گهرجي. آزمائشن کي گناهن جو ڪفارو ۽ نيڪ عملن کي وڌائڻ جو ذريعو سمجهڻ گهرجي. ان کي جوابدهي چيو ويندو آهي. جيڪڏهن هي خوبي ڪنهن مومن بندي ۾ پيدا ٿئي ٿي، تہ هو آساني سان وڏن ڏکن کي برداشت ڪري ٿو، وڏن نقصانن جي منهن ۾

صبر ڪري ٿو، ۽ مستقبل ۾ وڏيون قربانيون ڏيڻ جو عزم ڪري ٿو. قرآن پاڪ ڪيترن ئي هنڌن تي صحابہ ڪرام ڪي آخرت جي ثواب جي خواهش پيدا ڪندي دين جي خاطر قرباني ڏيڻ جي ترغيب ڏني آهي. هڪ هنڌ چيو ويو آهي:

"فَالَّذِينَ هَاجَرُوا وَأُخْرِجُوا مِن دِيَارِهِمْ وَأُوذُوا فِي سَبِيلِي وَقَاتَلُوا وَقُتِلُوا لَأُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّئَاتِهِمْ وَلَأُدْخِلَنَّهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ثَوَابًا مِّنْ عِندِ اللَّهِ وَاللَّهُ عِندَهُ حُسْنُ الثَّوَابِ" (آل عمران:١٩٥)

"پوءِ جن هجرت ڪئي ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجي رستي ۾ تڪليف ۾ پئجي ويا ۽ جيڪي (دين جي خاطر) وڙهندا ۽ مارجي ويا، مان انهن لاءِ ڪفارو ڪندس ۽ انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن. اهو سڀ ڪجهہ الله جي طرفان انعام طور، ۽ الله وٽ سهڻو اجر آهي.

# جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان
# جو شش ماهي مرڪزي اجلاس

مدرسہ صبغت الفيض ۽ دربار شريف حضرت سومر فقير سائين هنگورو، شهدادپور ۾ شيخ الحديث علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب (نگران اعلىٰ) جي صدارت ۽ علامہ انجنيئر فقير سائين عبدالباسط سڪندري هنگورو صاحب (مرڪزي صدر) جي ميزباني ۾ جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان جو شش ماهي مرڪزي اجلاس ٿي گذريو، جنهن ۾ مرڪزي ، ڊويزنل ۽ ضلعي سطح جي ڪيترن ئي عالمن ۽ عهديدارن شرڪت ڪئي. ڏنل راين ۽ تجوزين جي روشنيءَ ۾ هيٺيان اهم فيصلا ڪيا ويا.

**اجلاس جا اهم نڪتا ۽ فيصلا**

١. حضرت مفتي اعظم پاڪستان **مفتي محمد رحيم سڪندري رحمہ الله** جي وصال تي فاتحہ خواني ۽ ايصالِ ثواب.

٢. سڪندري عالمن ۽ حافظن جي **ديني، تعليمي ۽ اصلاحي خدمتن** جي ساراهہ.

٣. حضرت پيرسائين پاڳارا دامت برڪاتهم العاليہ جي **هدايتن ۽ حڪمن تي مڪمل عملدرآمد** تي زور.

٤. علائقن ۾ **اجتماعي ذڪرِ الٰهي، دروسِ قرآن و حديث ۽ فقهي درس** ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو.

٥. سوشل ميڊيا جي **غلط استعمال ڪان پرهيز** ۽ اتحاد، محبت، ۽ باهمي تعاون جي اپيل.

٦. **ماهوار رسالي "الراشد "**جي ميمبرشپ وڏائڻ ۽ آن لائين ايپ جي ذريعي رابطا آسان ڪرڻ جو اعلان.

٧. **سڪندري سني اصلاحي پروگرام** تحت دعوت و اصلاح المسلمين جي مهم کي وڌيڪ عام ڪرڻ جو فيصلو.

٨. ملڪ، پاڪ فوج ۽ **فلسطين، غزه ۽ عالم اسلام جي مسلمانن لاءِ دعا.**

# رسول اڪرم ﷺ جو رازدار
# حضرت حذيفه بن يمان رضي الله عنه

## ابو صالح سڪندري

رسول الله ﷺ جا سڀئي اصحاب عزتدار ۽ احترام جي لائق آهن. قرآن پاڪ ۽ احاديث ۾ انهن جون ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خصلتون بيان ڪيون ويون آهن. انهن اسلام لاءِ اهڙيون قربانيون ڏنيون آهن جو بعد ۾ ايندڙن لاءِ انهن جو تصور ڪرڻ مشڪل آهي؛ پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود، ڪجهه اصحابن ۾ اهڙيون خاص خوبيون ۽ خاصيتون هيون جيڪي ٻين ۾ نه هيون. يقيناً، انهن اصحابن جو ذڪر ڪرڻ ۽ امت جي سامهون انهن جي خاصيتن کي اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت ۽ اسان جي ذميواري آهي؛ تنهن ڪري، هيٺ اسين انهن عظيم اصحابن مان هڪ جو ذڪر ڪنداسين جن کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جو رازدار هجڻ جو اعزاز حاصل آهي، ۽ اهو حضرت حذيفه بن يمان رضي الله عنه آهي.

## نالو ۽ نسب

سندس پورو نالو "حذيفه بن حسل بن جابر" آهي، سندس پيءُ جو اصل نالو "حسل" هو؛ پر هو "يمن" جي لقب سان مشهور هو. هن لقب جو سبب اهو آهي ته حضرت حذيفه جو پيءُ "حسل" انصار قبيلي "بن اشهل" جو حليف بڻيو ۽ چاڪاڻ ته اهو قبيلو يمن جي ملڪ ۾ رهندو هو، ان ڪري ان جي حوالي سان ڪيس "يمان" جو لقب ڏنو ويو. (۱)

## مسلمانن طرفان حضرت حذيفه جي پيءُ جي شهادت

حضرت حذيفه جو پيءُ ۽ ماءُ ٻئي صحابين ۾ شامل هئا. سندس پيءُ "يمان" کي احد جي جنگ ۾ مسلمانن پاران شهيد ڪيو ويو. اهو ان ڪري هو جو حضرت حذيفه ۽ سندس پيءُ ٻئي غزوه احد ۾ شريڪ هئا ۽ مڪي جي مشرڪن خلاف وڙهي رهيا هئا ۽ ان وقت، چاڪاڻ ته اهي خود (جنگي لباس) پائي وڙهندا هئا؛ تنهن ڪري، اصحاب حضرت حذيفه جي پيءُ حضرت يمن کي سڃاڻي نه سگهيا ۽ انهن تي حملو ڪيو. جڏهن حضرت حذيفه اهو ڏٺو، ته انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي؛ پر ان وقت تائين

سندس پيءُ حضرت يمان شهيد ٿي چڪو هو. اهڙيءَ طرح، صحيح بخاري جي هڪ حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

حضرت حذيفہ پڪارڻ لڳو اي الله جا ٻانها! ، " هيءُ منهنجو پيءُ آهي، هيءُ منهنجو پيءُ آهي،" پر اهي نہ رُڪيا ايستائين جو انهن ڪيس شهيد نہ ڪيو." (٢)

## حضرت حذيفہ جي والده جي رسول الله ﷺ سان محبت

حضرت حذيفہ رضي الله عنه جي پيءُ وانگر، سندس ماءُ بہ هڪ جليل القدر صحابيه هئي. هن پنهنجي پٽ حضرت حذيفہ رضي الله عنه کي رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ اچڻ جي سختي سان تاڪيد ڪئي؛ تنهن ڪري هڪ ڀيرو رسول الله ﷺ ان لاءِ دعا ڪئي. جيئن هڪ حديث ۾ آهي:

حضرت حذيفہ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري منهنجي ماءُ مون کان پڇيو، "تون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ ڪيترن ڏينهن بعد حاضر ٿئين ٿو؟" مون جواب ڏنو، "مان هيترن ڏينهن کان وڃي نہ سگهيو آهيان." پوءِ مونکي سخت جهڙڪيائين. (٣)

پوءِ حضرت حذيفہ رسول الله ﷺ وٽ آيا ۽ سڄي ڳالھ ٻڌائي. پاڻ حضرت حذيفہ ۽ سندن ماءُ ٻنهي لاءِ دعا ڪئي.

## رسول الله ﷺ ۽ حضرت حذيفہ پنهنجو واعدو پورو ڪيو

حضرت حذيفہ ۽ سندن پيءُ جنگ بدر ۾ حصو نہ وٺي سگهيا. ان جو سبب اهو هو تہ اهي ٻئي مديني ڏانهن هجرت ڪري رهيا هئا تہ ڪافرن انهن کي رستي ۾ روڪيو ۽ پڇيو، "ڇا توهان محمد ﷺ وٽ وڃڻ چاهيو ٿا؟" انهن چيو، "اسين انهن وٽ نہ ٿا وڃون." بلڪ، اهي صرف مديني وڃڻ چاهيندا هئا، تنهن ڪري ڪافرن انهن کان الله جي نالي تي عهد ورتو تہ اهي مديني ويندا ۽ رسول الله ﷺ سان گڏ جنگ نہ ڪندا. پوءِ جڏهن اهي ٻئي رسول الله ﷺ وٽ آيا ۽ سڄو واقعو بيان ڪيو، تہ پاڻ ﷺ انهن کي فرمايو:

”توهان مديني وڃو! اسين انهن جي عهد کي پورو ڪنداسين ۽ انهن جي خلاف الله تعاليٰ کان مدد گهرنداسين.“ (٤)

هي واقعو اسلام ۾ عهد کي پورو ڪرڻ جي اهميت ۽ ضرورت کي ظاهر ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو جنگ جو وقت آهي، مسلمانن کي مجاهدين جي به ضرورت آهي ۽ ٻئي طرف، حملو ڪندڙ ڪافرن سان به عهد آهي؛ پر پوءِ به رسول الله صلي الله عليه وسلم عهد کي پورو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٻنهي اصحابن کي جنگ ۾ حصو وٺڻ کان روڪيو.

## حضرت حذيفه کي هجرت ۽ نصرت جو اختيار ڏنو ويو

حضرت حذيفه کي اهو اعزاز حاصل آهي ته رسول الله ﷺ کيس هجرت ۽ نصرت ٻنهي جو اختيار ڏنو: تنهن ڪري، هڪ روايت ۾، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کيس فرمايو:

جيڪڏهن تون چاهين ته مهاجرن مان ٿي ۽ جيڪڏهن چاهين ته انصار مان ٿي، جنهن تي پاڻ فرمايائون: مان چاهيان ٿو ته انصار مان هجان. تنهن ڪري رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو: تون انهن مان آهين. (۵)

## حضرت حذيفه ۽ رسول الله ﷺ جو احترام

حضرت حذيفه رضي الله عنه کي رسول الله ﷺ جي تمام گهڻي عزت ۽ تعظيم ڪندا هئا. تنهن ڪري هڪ ڀيري، صبح سوير ڪنهن هنڌ جنابت جي حالت ۾ وڃي رهيو هو. ته هن رسول الله صلي الله عليه وسلم کي پنهنجي سامهون کان ايندي ڏٺو. تنهن ڪري هڪ طرف هٽي ويو ۽ پوءِ غسل وغيره ڪرڻ کان پوءِ، وٽس آيو. جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم کانئس ان بابت پڇيو، ته هن چيو ته هو جنابت جي حالت ۾ هو ۽ ان حالت ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم کي هٿ نه لڳائڻ چاهيندو هو. ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو:

مسلمان نجس نه آهي. (٦)

حضرت حذيفه جو جنابت جي حالت ۾ رسول الله ﷺ جي جسم کي هٿ نه لڳائڻ سندس دل ۾ رسول الله ﷺ لاءِ بيحد احترام ۽ تعريف جو ثبوت آهي.

## حضرت حذيفه جون خاصيتون

حضرت حذيفه رضي الله عنه جون ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خاصيتون حديثن ۾

بيان ڪيون ويون آهن، جن مان ڪجھ هيٺ ڪجھ وضاحت سان بيان ڪيون ويون آهن.

## حضرت نبي ڪريم ﷺ کان شر ۽ فتنن بابت سوال

صحابہ عام طور تي رسول الله ﷺ کان خير، نيڪي ۽ ڀلائي بابت پڇندا هئا؛ پر حضرت حذيفہ، ان جي برعڪس شر ۽ فتنن وغيره بابت پڇندا هئا؛ تہ جيئن انهن کان بچي سگھجي (٧). تنهن ڪري، آزمائشن، قيامت جي نشانين ۽ منافقن جي حالتن بابت حديثن جو هڪ وڏو مجموعو ڪائنس نقل ڪيو ويو آهي.

## حضرت حذيفہ جو پنهنجي جذبات کان مغلوب نہ ٿيڻ

حضرت حذيفہ رضي الله عنه جي هڪ اهم خوبي اها هئي تہ هو پنهنجي جذبات تي مڪمل ڪنٽرول رکندو هو، ڀلي حالتون ڪيتريون بہ ڏکوئيندڙ هجن؛ پر حضرت حذيفہ رضي الله عنه ڪڏهن بہ پنهنجي جذبي ۽ جوش کان مغلوب نہ ٿيا، جيئن تہ هيٺ ڏنل ٻن واقعن مان واضح آهي.

١- سندس پيءُ، يمان، سندس سامهون شهيد ڪيو ويو؛ پر سندس وات مان صرف اهو نڪتو:

"يغفر الله لکم" (٨)

الله توهان کي معاف ڪري.

جيتوڻيڪ هو پنهنجي پيءُ سان تمام گھڻو پيار ڪندو هو؛ تنهن ڪري، حضرت عروه بن زبير فرمائن ٿا:

الله جو قسم! حضرت حذيفہ رضي الله عنه هميشہ غمگين رهندو هو (پنهنجي پيءُ جي هن طرح شهيد ٿيڻ تي)، جيستائين هو الله تعاليٰ وٽ نہ پهتو. (٩)

٢- نبي ڪريم ﷺ جن خندق جي جنگ جي موقعي تي حضرت حذيفہ کي مڪي جي مشرڪن جي فوج ڏانهن جاسوس طور موڪليو ۽ ان کي چيو:

"وڃ ۽ انهن جي خبر آڻي ڏي؛ پر انهن کي ڀڙڪائجان نہ." (١٠)

حضرت حذيفہ چوي ٿو: مان مڪي جي مشرڪن جي فوج ڏانهن

ويس، ۽ ابو سفيان منهنجي سامهون ويٺو هو. مون پنهنجي ترڪش مان هڪ تيز شيءِ ڪڍي ۽ ان کي مارڻ چاهيو؛ پر مون کي رسول الله ﷺ جو حڪم ياد آيو: تنهن ڪري مان ڪجهه بہ ڪرڻ کان سواءِ موٽي ويس، جيڪڏهن مان ان کي تير هڻان تہ يقينا ان کي لڳي ها.

## حضرت حذيفہ کي حضور ﷺ جو رازدار هجڻ جو شرف حاصل هو.

حضرت حذيفہ رضي الله عنه ۾ اهي سڀ خوبيون هيون جيڪي ڪنهن کي رازدار بڻائڻ لاءِ ضروري هونديون آهن، ۽ انهن مان، خاص طور تي، سندس جذبن ۽ جذبات کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ روڪڻ؛ تنهن ڪري، پنهنجي خداداد صلاحيتن جي ڪري، حضور ﷺ کيس پنهنجو رازدار بڻائڻ جو شرف عطا ڪيو ۽ حضرت حذيفہ رضي الله عنه کي فتنن جي متعلق، منافقن جي نالن ۽ حالتن بابت مڪمل تفصيل سان آگاهي ڏني. (۱۱)

## وصال مبارڪ

حضرت حذيفہ رضي الله عنه جو هي رازدار صحابي محرم ۳٦ هجري تي مدائن شهر ۾ وصال ڪري ويو. (۱۲)

حوالا:

(۱) الاستيعاب في معرفة الصحابة لابن عبد البر، (۱/ ۳۳۴)، ۴۹۲، ناشر: دار الجيل بيروت، ۱۴۱۲هـ- ۱۹۹۲ع.
(۲) صحيح البخاري، ڪتاب مناقب الانصار، باب ذڪر حذيفہ بن اليمان العبسي، (۳۹/۵)، حديث نمبر: ۳۸۲۴، ناشر: دار طوق النجات، ج: ۱۴۲۲هـ.
(۳) سنن الترمذي، باب المناقب، باب مناقب ابي محمد الحسن بن علي بن ابي طالب و حسين بن علي، (۱۲۷/٦)، حديث نمبر: ۳۷۸۱، ناشر: دار الغرب الاسلامية بيروت: ۱۹۱۸.
(۴) صحيح مسلم، ڪتاب الجهاد، (۳/ ۱۴۱۴)، رقم: ۱۷۸۷، دار احياء التراث العربي - بيروت.
(۵) المعارف از ابن قتيبہ الدين نوري، (۱/ ۲٦۳)، ناشر: الحناة المصرية الڪتب القهيرة، ۱۹۹۲ع ۽ استيعاب از ابن عبدالبر، (۱/ ۳۳۵).
(٦) سنن النسائي، ڪتاب الطهره، (۱/ ۱۴۵)، حديث نمبر: ۲٦۷، ناشر: مڪتبة المبتدة الاسلاميہ حلب، ۱۴۰٦هـ/ ۱۹۸٦ع.
(۷) صحيح البخاري، ڪتاب المناقب، علامات النبوة ، (۱۹۹/۴)، ترجمو رقم: ۳٦۰٦.
(۸) صحيح البخاري، ڪتاب مناقب الانصار، باب حذيفہ بن اليمان العبسي ، (۳۹/۵) حديث نمبر: ۳۸۲۴.
(۹) ساڳيو حوالو
(۱۰) صحيح مسلم، ڪتاب الجهاد و سير، باب غزوه الاحزاب، (۳/ ۱۴۱۴)، ترجمو رقم: ۱۷۸۸.
(۱۱) اسد الغابہ لابن الاثار الجزري، (۱/ ۷۰٦)، نمبر: ۱۱۱۳، ناشر: دار الڪتب العلميہ بيروت، م: ۱۴۱۵هـ/ ۱۹۹۴ع.
(۱۲) الاستيعاب في معرفة الصحاح لابن عبدالبر، (۱/ ۳۳۴)، رقم: ۴۹۲.

# غريق بحر عرفان و كاشف رموز ايقان

## حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمۃ اللہ علیہ

ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ

### اسم شريف :

سندن اسم مبارڪ محمد لقمان ولد سيٺ محمد خان ميمڻ آهي.

### القابات:

سندن مرشد معظم حضور شيخ المشائخ ،فخرالسادات،امام العارفين حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جي ملفوظات شريف ”مجمع الفيوضات“ مان سندن هي ست القاب عاليہ ثابت آهن. فقير،بزرگ، ميان، ميان جي، غريقِ بحر عرفان . ڪاشف رموز ايقان، محقق بحقائق عرفان ۽ شارب رحيق ايقان.جڏهن تہ ڪين سندن درگاهہ شريف واري ڳوٺ ڪوڪر ۾ ”پڪي وارو سائين“ يا ”پڪي وارو پير“ جي القابات سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

### ولادت:

غريقِ بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمۃ اللہ علیہ جن جي ولادت باسعادت موجوده شهر ٽنڊو محمد خان ۽ ان وقت جي ڳوٺڙي ” گوني“ ۾ سن ١١٨٢ھ/١٧٦٨ع جي رمضان جي بابرڪت مهيني جي آخري ڏهي ۾ ٿي.

### خانداني پس منظر:

غريقِ بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمۃ اللہ علیہ جن جو گهراڻو پنهنجي ڳوٺ جو تمام گهڻو معزز ۽ معروف، دين جي خدمتگذار، مهمان نواز ۽ خوشحال ،ڪارخانيدار ۽ زميندار خاندان هو. جيڪو سن ١٦٧٠ ع کان اڳ نيرون ڪوٽ موجوده شهر حيدرآباد مان لڏي اچي هن ڳوٺڙي گونيءَ ۾ آباد ٿيو هو. جتي سندن ڪپڙي اٽڻ جو ڪارخانو هو. جنهن ۾ آڏاڻن تي ڪپڙو اڻيو ويندو هو.

سندن بزرگن جي ان ڪارخاني ۾ اُڻيل سنڌي ”گربي“ جي هنڌين هاڪ هئي جيڪا نہ صرف نيرون ڪوٽ ۾ پر پسگردائي وارن علائقن ۾ بہ وڪري لاءِ

موڪلي ويندي هئي، جن مان هڪ موجوده شهر ٽنڊو محمد خان به هو جيڪو ان وقت گهٽ آباديءَ وارو ڳوٺڙو هو ۽ گوني سڏبو هو. ڦليليءَ جي پاسي سان هجڻ ڪري هتي جي آبهوا تمام گهڻي صحت افزا هئي. جنهن سندن خاندان جي ان وقت جي وڏڙن کي موهي وڌو هو. تنهنڪري جڏهن ڪين هجرت ڪرڻي پئي ته پاڻ رهائش توڙي ڪاروبار لاءِ هن ڳوٺ جو انتخاب ڪيائون. ڦليلي واهه جي پرئين پر موجوده ديهه پاٽار ۾ هڪ ايڪڙ پنج گهنٽه زمين خريد ڪري ان تي پنهنجي اباڻي ڪرت يعني ڪپڙي اُڻڻ جو ڪارخانو لڳايائون. جڏهن ته رهائش لاءِ وري ڦليلي جي اورئين ڪپ سان موجوده محله سيٺ حاجي عبدالخالق ميمڻ جي چونڊ ڪيائون. جتي خانداني روايتن جي پاسداري ڪندي حويلي شريف جي پاسي ۾ مسجد شريف موجوده جامع مسجد نور ۽ مهمان خانو ،موجوده مدرسه عاليه فرقانيه جوڙايائون. وقت سان گڏ ڪارخاني جي پاسي ۾ زرعي زمين خريد ڪري زمينداري به ڪرڻ لڳا.

## تعليم ۽ تربيت :

غريقِ بحر عرفان حضرت خليفه سائين محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جن ڪان سندن مرشد مربي حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جي ملفوظات شريف "مجمع الفيوضات" ۽ مرشد ڪريمن جي فرزند ارجمند و پاڳاره اول حضرت پير سيد صبغت الله شاهه اول تجر ڌڻي قدس سره جي ملفوظات شريف "خزانة المعرفة " ۾ روايت ڪيل نقلن مان پلي پني خبر پوي ٿي ۽ سنڌ جو وڏو ڏاهو مفڪر ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به ان خيال جو هو ته پاڻ جن وڏي علم ۽ ڄاڻ وارا هئا ( مقدمه خزانة المعرفة ) توڙي جو ڪافي نقلن ۾ سندن پڇيل سوالن مان به اهو واضح آهي ته پاڻ نه صرف قرآن حڪيم جي ترجمي ۽ تفسير جا ڄاڻو هئا پر حديث شريف ۽ فقه جا به وڏا عالم هئا. پر حقيقت ۾ اهو سڀ مالڪ مهربان پاران ڪين "علم لدني" عطا ٿيل هو. جو پاڻ ڪنهن مدرسي ۾ ڪابه ديني تعليم حاصل نه ڪئي هئائون ۽ نه ئي وري ڪنهن مڪتب ۾ سندن دنيوي تعليم حاصل ڪرڻ ثابت آهي. پاڻ جن صرف ناظره قرآن شريف پڙهيا هئا. باقي سندن تربيت بلاشبه انتهائي پاڪيزه ۽ ديني ماحول ۾ ٿي هئي، جو خانداني روايتن موجب حويليءَ شريف جي پاسي واري مسجد شريف ۾ پنج وقتن جي نمازن ۾ خاندان جي هر ننڍي توڙي

وڏي مرد جي موجودگي ضروري هئي. هر جمعي نماز تي لنگر جو اهتمام ڪيو ويندو هو. متبرڪ راتين تي مسجد شريف ۾ چراغان توڙي با جماعت نوافل ۽ خير خيرات جو بندوبست بہ هن خاندان جو شعار هو. (جيڪو اڃا تائين جاري آهي.)

ان ڪان علاوه رمضان المبارڪ ۾ جتي تراويح نماز ۽ اعتڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو هو، اتي روزي رکرائڻ ۽ روزي کولرائڻ جو بہ خصوصي بندوبست ڪيو ويندو هو. اهڙي روحاني ماحول ۾ پرورش جو بہ سندن ذات اقدس تي وڏو اثر هو پر پاڻ تہ ڄمندي ئي ڄام هئا ايتري شاهوڪاري ۽ اميري هوندي بہ نندپڻ ڪان ئي ڪڏهن سڪو رائج الوقتي هٿ مبارڪ ۾ نہ کنيائون .ا ن ڪان علاوه پاڻ بيماريءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪا دوا دامل استعمال نہ ڪئي .سندن اهڙين نيڪ ۽ اعليٰ خصلتن ۽ خوبين سندن مرشد معظم حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره کي موهي وڌو هو.

## بيعت ۽ خلافت :

غريقِ بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمۃ اللہ علیہ جن ڪان اڳ، سندن وڏڙا دين جا خدمتگذار ضرور هئا، پر سندن طريقت جي ڪنهن سلسلۂ عاليہ ۽ ڪنهن بہ بزرگ جو دست بيعت هئڻ نہ ٿو ملي. جڏهن تہ سندن انتخاب ان وقت ئي ٿي چڪو هو جنهن وقت سندن مرشد مربي حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس کين رب پاڪ ڪان دعا گهريو هو. ۽ کين خواب ۾ پنهنجو ديدار بہ ڪرايو هو .جڏهن تہ رسمي طور تي مرشد ڪريمن سان ملاقات، دست بيعت ٿيڻ ۽ پوءِ خليفہ خاص ٿيڻ جا سڀ مرحلا بہ عجب انداز ۾ ظهور پذير ٿيا. پاڻ رحمۃ اللہ علیہ جن خواب ۾ مرشد مربي جي ديدار ڪان مشرف ٿيڻ جي باوجود بہ ويٺا رهيا ۽ سندن ڳولا ۾ نہ نڪتا، تان جو مرشد ڪريمن کين پنهنجو ظاهري ديدار ڪرايو .جنهن وري کين اهڙو تہ مست ۽ موهت ڪري ڇڏيو جو ان وقت ئي سڀ ڪجهہ ڇڏي سندن پٺيان هلڻ لڳا. روايت آهي تہ ان دفعي لاڙ جي سفر دوران حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جو قافلو محمد خان جي ٽنڊي جي ٻاهران واقع سيٺ محمد خان ميمڻ جي ڪپڙي اٽڻ جي ڪارخاني ڪان اچي لنگهيو. ان وقت ڪارخاني ۾ سيٺ محمد خان ميمڻ جو اڪيلو فرزند ارجمند ۽ سنڌي گربي اٽڻ جو پلوڙ ڪاريگر سيٺ

محمد لقمان ميمڻ گربي اٿي رهيو تہ اچانڪ ماڻهن جو گوڙ و شور ۽ گهوڙي جي هڻڪارن جو هل سندن ڪن تي پيو.جنهن جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ پاڻ ٻاهر نڪتو ايتري ۾ پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جي سواري بہ ويجهو اچي پهتي. پاڻ خواب واري نوراني صورت ظاهري اکين آڏو ڏسي حيران ٿي ويا. پير سائين جن جي روشن ۽ پرنور نيڻن سندن اکين کي اهي نيهن نياپا ڏنا جو ڳوڙها سندن ڳلن کي پسائڻ لڳا. جو پاڻ سڀ ڪجهہ وساري وينا ۽ ان سفر ۾ ئي پنهنجي مرشدي مربي جا رفيق ۽ هم رڪاب ٿي دست بيعت ٿيا. حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جا پنهنجي هن مريدِ خاص سان محبت ۽ شفقت جا بہ عجب احوال هئا. مجمع الفيوضات جلد پهريون بات فصل ٣٣ نقل ٩٤ ۾ آهي تہ غريقِ بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر ابتدائي ڏينهن ۾، جو تڏهن اڃان خلافت جي شرف سان مشرف نہ ٿيو هوس. سندن زيارت لاءِ درگاهہ شريف تي حاضر ٿيس. اهو ڏينهن ذوالحج جي عيد جو ڏينهن هو. پاڻ اسان جي پهچڻ کان اڳ مسجد شريف ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري اندر حاويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائي ويا هئا. پوءِ پاڻ ۾ ويهي ڳڻ ڪئي سون تہ جيڪر حضرت پير سائين جن جي ملاقات نماز کان اڳ ٿي پوي تہ ڏاڍو چڱو نہ تہ پوءِ ماڻهن جي انبوهہ ڪري قدمبوسي ڏاڍي اهنجي ٿيندي. قاضي محفوظ مونکي چيو تہ ڪنهن ماڻهو هٿان ڪين خبر پهچايون تہ مهرباني ڪري اسان کي زيارت کان اڳي مشرف ڪريو. مون چيو تہ مون کان اهڙي بي ادبي نہ پڄندي . حڪيم مطلق جي حڪمت ڏسو تہ انهي ڏينهن لقمان ٽالپر ۽ ٻيا جلالاڻي فقير بہ آيا هئا. سي وڃي صاحبزادي سڳوري مسند نشين جي خدمت ۾ ملتجي ٿيا تہ اوهان حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪريو تہ نماز عيد جي مجموعي ۾ خلق جي انبوهہ کان ملاقات ڏکي ٿيندي تنهنڪري شفقت فرمائي هينئر زيارت کان مشرف فرمايو تہ وڏو احسان. صاحبزادي سڳوري سندن حضور ۾ وڃي عرض ڪيو تہ حضرتا! لقمان اوهان جي قدمبوسي لاءِ منتظر وينو آهي، پاڻ سندن عرض موجب تشريف فرما ٿيا. اسين تہ پاڻ ۾ صلاح ڪري اصلي دروازي تي بيٺا هئاسين. جڏهن پاڻ ٻاهر نڪتا تہ ڊوڙي اچي قدمبوسي جي شرف کان مشرف ٿياسون. پاڻ اسان کي زيارت ڪرائي وري اندر اسرڻ لڳا. اتي صاحبزادي سڳوري فرمايو تہ حضرتا! مون لقمان ٽالپر جي نالي پي چيو پاڻ

فرمايائون ، اسان لقمان فقير سمجهيو هو ۽ پوءِ پاڻ مون کي فرمايائون ته اسين هينئر رڳو تنهنجي سبب ڪري نڪتاسون. لقمان ٽالپر جي ملاقات لاءِ قدم رنج نه فرمايائون ۽ چيائون ته لقمان ٽالپر سان عيد نماز ادا ڪري پوءِ ملاقي ٿينداسون. پوءِ جڏهن پاڻ عيد نماز ادا ڪري مسجد شريف ۾ ڪبڙ جي وڻ هيٺيان اشراق جا نقل ادا فرمايائون. تڏهن اتي لقمان ٽالپر اچي قدمبوسي ڪئي. پاڻ مٿين ڳالهه ڪيس بيان ڪري ٻڌايائون.

سندن مرشد مهربان جي انهي شفقت خاص جو اثر ڪيميا هو جو ڪين جلد ئي سلوڪ و معرفت جون منزلون طئي ڪرائي غريق بحر عرفان ۽ ڪاشف رموز ايقان جهڙا نادر و ناياب القاب خصوصي عطا ڪري خلافت جي مسند سان سرفراز ڪيائون.

## رشد و هدايت :

دين حق جي پرچار ۽ تبليغ توڙي ملتِ اسلاميه جي خدمت ۽ هدايت جي لاءِ غريق بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جن ڪي موجوده ضلعي ٽندو محمد خان جي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي قديمي ڳوٺ ڪوڪر لاءِ منتخب ڪيو ويو. تنهنڪري پاڻ ٽنڊو محمد خان مان هجرت ڪري ڪوڪر ۾ اچي آباد ٿيا. هتي به پاڻ حويلي شريف جي پاسي ۾ مسجد شريف اڏي رشد و هدايت جو سلسلو شروع ڪيائون،سندن حسن اخلاق ۽ فقيراڻي عادات و اطوار توڙي شريعت مطهره تي استقامت جي ڪري هزارن جي تعداد ۾ غير مسلمان سندن دست حق تي اسلام جي نور سان منور ٿيا. ايتري حد تائين جو سندن رهائش واري ڳوٺ ڪوڪر ڪان پري پري تائين جو سندن رهائش واري ڳو ٺ ڪوڪر ڪان پري پري تائين ڪو غير مسلمان ڳوليو به نه ليندو هو. اتي اڄ به سندن ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن .

## مجمع الفيوضات ۾ حصو:

غريقِ بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جيئن ته پنهنجي مرشد مربي حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقد س جا خاص خليفه هئا ۽ گهڻن سفرن ۾ ساڻن هم رڪاب به هوندا هئا جن ۾ سندن پاٿاري به مرشد ڪريمن جي پاسي ۾ لڳندي هئي . ان ڪان علاوه مرشد مهربان جو مٿن راز و اعتماد به گهڻو هو جو اڪثر سندن مشاورت ۾ به شامل هوندا هئا ،

تنهڪري مرشد مربي جي ملفوظات شريف " مجمع الفيوضات" ۾ گهڻا نقل ڪائڻ ئي روايت ڪيل آهن ڪتاب "غريق بحر عرفان" مطابق اهڙن نقلن جو تعداد هڪ هئو ڇهاسي (١٨٦) آهي جيڪي مجمع الفيوضات ۾ غريق بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جو ذڪر شريف ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان موجود آهي.

## خزانة المعرفة ۾ حصو:

حضر ت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جي وصال ڪانپوءِ لاڙ پٽي جي خليفن ۽ مريدن ڪي حضرت پير سيد محمد ياسين شاهہ جهنڊ ي ڌڻي قدس سره سان رابطو رکڻ جي تلقين ڪئي وئي هئي، پر غريق بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جن ان موقعي تي خاموش رهيا ۽ ڪنهن سان بہ رابطو نہ رکيائون تان جو مرشد مربي جن خود ڪين خواب وسيلي پهرين پاڳاري حضرت پير سائين صبغت الله شاهہ اول تجر ڌڻي قدس سره جن سان رابطي لاءِ امر فرمايو . (خزانة المعرفة باب چوٿون فصل چوٿون صفحو ١٤٣) جنهن ڪان پوءِ پاڻ رحمة الله عليه جن حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره سان وابستہ ٿي ويا ۽ اها سندن محبت ئي هئي جو پاڻ حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره جي وصال وقت بہ موجود هئا. حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره جن بہ پنهنجي والد بزرگوار جيان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه سان تمام گهڻي محبت رکندا هئا ۽ صلاح مصلحت ۾ بہ سندن راءِ کي تمام گهڻي اهميت ڏيندا هئا. تنهنڪري سندن شمار بہ انهن چند راوين ۾ ٿئي ٿو جن ڪان مجمع الفيوضات توڙي خزانة المعرفة (حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره جي ملفوظات جنهن کي ٻين پاڳاري سيد علي گوهر شاهہ اول سهيڙيو آهي ) ٻنهي ۾ نقل روايت ڪيل آهن .جڏهن تہ ڪين وري اهو منفرد اعزاز حاصل آهي تہ پاڻ جتي پنهنجي مرشد مربي جي ملفوظات شريف مجمع الفيوضات جا راوي آهن اتي وري سندن فرزند ارجمند، سندن مرشد مربي جي فرزند ارجمند جي ملفوظات شريف خزانة المعرفة جو راوي آهي . ڪتاب "غريق بحر عرفان" موجب خزانة المعرفة ۾ غريق بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه ڪان روايت ٿيل نقلن جو تعداد چوٽيهه ( ٣٤) آهي.

## شادي ۽ اولاد :

غريق بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه هڪ ئي شادي ڪئي هئي جنهن مان الله تبارڪ وتعاليٰ کين هڪ ئي پٽڙو عطا ڪيو هو، جنهن جو اسم شريف پاڻ محبوب خدا صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ اسم پنيان ”محمد خان“ رکيو هئائون. جيڪو نه صرف سندن خليفو ۽ سجاده نشين هو پر سندن جيان الله تبارڪ و تعاليٰ جو نيڪ ٻانهوءِ ولي الله ٿي گذريو آهي. حضرت خليفه ميان محمد خان ميمڻ رحمة الله عليه جن جو نه صرف ذڪر شريف خزانة المعرفة ۾ موجود آهي پر ڪائنس پنهنجي والد بزرگوار جيان حضرت پير سائين تجر ڌڻي قدس سره جا نقل به روايت ٿيل موجود آهن جن جو تعداد اٺونجاه (۴۹) آهي. حضرت خليفه ميان محمد خان ميمڻ رحمة الله عليه جن پنهنجي والد بزرگوار جي حڪم موجب (جيڪو در حقيقت حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره الاقدس جو ارشاد آهي ۽ مجمع الفيوضات جلد پهريون باب ٦ فصل ٣ ۽ نقل ۴١ ۾ واضح ٿيل آهي ) ته سندن قبر انور تي مجاور ٿي ويهڻ ۽ ڏن وغيره وٺڻ کان منع فرمائڻ ڪري ڪوڪر مان هجرت ڪري واپس ٽنڊو محمد خان اچي آباد ٿي ويا جتي سندن خاندان اڄ به آباد آهي.

## وصال ۽ درگاهه شريف :

غريق بحر عرفان حضرت خليفه ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جو وصال ١٢ ربيع الثاني جي شام ١٣ جي رات ١٢٦۴ ه ڌاري ڳوٺ ڪوڪر ۾ ئي ٿيو ۽ کين اتي ئي سندن تعمير ڪرايل مسجد شريف جي پاسي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندن قبر انور مٿان پهريان ئي فتوهن جو پڪو اڏيو ويو هو. جنهنڪري پاڻ جن اتي ”پڪي وارو سائين“ يا ”پڪي وارو پير“ جي نالي سان مشهور ٿي ويا. ان وقت مزار شريف جي خدمت ۽ سار سنڀال جي ذميواري سندن مريد خاص ڀورل سائين جي حوالي هئي جنهن کي سندس وفات کانپوءِ خليفه سائين رحمة الله عليه جن جي قبر انور پرسان دفن ڪيو ويو . جڏهن ته موجوده درگاهه شريف خليفه عبدالله لاشاري تعمير ڪرائي آهي جنهن جو تعميراتي ڪم ٢٩ محرم الحرام ١٣۴١ ه ۾ مڪمل ٿيو جنهن کي پڻ وفات کانپوءِ درگاهه شريف ۾ ڀورل سائين جي قبر پرسان دفن ڪيو ويو. سندن خاندان درگاهه شريف تي اڄ به مجاور ٿي ويٺل آهي.

## يادگار:

غريق بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جي ياد ۾ سندن موجوده سجاده نشين يعني هن فقير هڪ ڪتاب " غريق بحر عرفان" جي نالي سان سن ٢٠١٤ع ۾ شايع ڪرايو هو جنهن ۾ سندن سوانح عمريءَ سان گڏ سندس پونيئرن جو شجرو ۽ پونيئرن جون ڪيل خدمتون ۽ خليفہ سائين رحمة الله عليه کان روايت ڪيل مجمع الفيوضات ۽ خزانة المعرفة ۾ موجود نقل سهيڙيا ويا آهن. ان ڪان سواءِ خليفہ سائين رحمة الله عليه جي وصال واري تاريخ تي هر قمري مهيني جي ١٢ جي شام ١٣ جي رات جامع مسجد نور محلہ سيٺ حاجي عبدالخالق ميمڻ ۾ هڪ روحاني محفل جو انعقاد بہ هي فقير ڪندو آهي. جنهن ۾ نعت خواني سان گڏ غريق بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جي ذات اقدس توڙي تعليمات ۽ فڪر و فلسفي سان گڏ سندن عمل وڪردار تي عالم سڳورا مختلف پهلوئن سان روشني وجهندا آهن. جڏهن تہ غريق بحر عرفان حضرت خليفہ ميان محمد ميان لقمان ميمڻ رحمة الله عليه جي فيضان نظر سان سندن نالي پنيان ٽماهي رسالو "حڪمت لقمانيہ" بہ هي فقير شايع ڪرائيندو آهي جنهن ۾ محقق، مدبرن ، مفڪرن ۽ مشائخن توڙي علماءِ ڪرام جون روحاني ، فڪر يءِ اصلاحي لکڻيون ملت محمدي صلي الله عليہ وآلہ وسلم توڙي خلق خدا جي ڀرپور خدمت ۽ رهنمائي جو فرض ادا ڪري رهيون آهن.

مقالات سکندریہ:

# حضرت پیر صاحب روضہ دھنی قدس سرہ کے مطالعے میں
# حضرت شیخ عبدالحق محدث دہلوی کی تصانیف کا تعارفی جائزہ (حصہ اول)

از؛ حافظ محمد یوسف بھنبھرو سکندری

## ا۔ تعارف

سیرت طیبہ اور تاریخ مدینہ شریفہ کی کتب کا مطالعہ حضرت امام العارفین پیر سید محمد راشد روضہ دھنی قدس سرہ (۱۱۷۱ھ۔۱۲۳۴ھ) کے محبوب مشاغل میں سے ایک تھا۔ برصغیر میں سیرت کے حوالے سے "مدارج النبوت" شریف اور تاریخ وفضائل مدینہ پر "جذب القلوب الی دیار المحبوب" بھی آپ کے زیر مطالعہ رہی ہے۔ مدارج النبوت سیرت طیبہ کے موضوع پر فارسی زبان میں حضرت شیخ محقق، عبدالحق محدث دہلوی القادری (۹۵۸ھ۔۱۰۵۲ھ) رحمہ اللہ کی سب سے زیادہ ضخیم اور جامع کتاب ہے۔ اس کتاب میں آپ ﷺ کے اخلاق عظیمہ اور جمال نبوی، صفات کریمہ، آپ ﷺ کی عظمت و شرف کے حوالے سے آیات قرآنی اور احادیث، سابقہ آسمانی کتب میں آپ ﷺ کی آمد کی بشارت، دیگر انبیاء اور آپ ﷺ کے درمیان مشترکہ فضائل، معجزات نبی ﷺ، آپ ﷺ کے اسماء شریفہ، آخرت میں آپ ﷺ کے درجات، فضائل و کمالات، آپ ﷺ کی عبادات، آپ ﷺ کا رہن سہن، کھانا پینا، سونا جاگنا، اٹھنا بیٹھنا اور نکاح وغیرہ کے بارے میں ہے۔ شیخ محدث دہلوی کی یہ کتاب سیرت طیبہ کے حوالے سے ماخذ کی حیثیت رکھتی ہے۔

جبکہ جذب القلوب تاریخ مدینہ پر ایک شاندر کتاب ہے۔ اس مقالے میں حضرت

مرشدی پیر صاحب روضہ دھنی قدس سرہ کے مطالعے کے حوالے سے مدارج النبوت اور جذب القلوب کا تعارف پیش کیا گیا ہے۔

**۲۔ حضرت شیخ عبد الحق دہلوی کا تعارف:**

آپ کا نام عبد الحق، کنیت ابو المجد، لقب محدث اور دہلی کی نسبت سے دہلوی اور سلسلہ طریقت میں قادری کے طور پر مشہور ہیں۔ آپ یکم محرم ۹۵۸ھ / ۹ جنوری ۱۵۵۱ء کو دہلی میں پیدا ہوئے۔ والد گرامی حضرت شیخ سیف الدین بھی عالم، صوفی اور شاعر تھے۔ ابتدائی تعلیم والد سے حاصل کی اور کم عمری میں قرآن مجید حفظ کیا۔ پھر اعلیٰ دینی تعلیم کے لیے ماوراء النہر گئے اور بڑے علما سے استفادہ کیا۔ روحانی طور پر سلسلہ قادریہ میں بیعت والد سے اور بعد میں ملتان شریف میں حضرت موسیٰ پاک شہید گیلانی اچوی قدس سرہ سے حاصل کی۔ سلسلہ نقشبندیہ میں خلافت شیخ خواجہ باقی باللہ قدس سرہ سے حاصل کی۔ آپ کو حضور غوث اعظم سیدنا عبدالقادر جیلانی قدس سرہ سے غیر معمولی عقیدت تھی۔ اکبر بادشاہ کے دور میں "دینِ الٰہی" کے فتنہ کے وقت آپ نے دہلی میں مدرسہ قائم کر کے تدریس اور وعظ کا سلسلہ شروع کیا اور عوام کو صحیح راہ دکھائی۔ حضرت شیخ عبد الحق محدث دہلوی کا وصال ۲۲ ربیع الاول ۱۰۵۲ھ / ۲۰ جون ۱۶۴۲ء کو دہلی میں ہوا، جہاں ان کا مزار شریف آج بھی مرجعِ خلائق ہے۔ آپ کی علمی و روحانی خدمات نے برصغیر میں دین و فکر پر گہرا اثر ڈالا اور آپ برصغیر کے عظیم محدثین و مصلحین میں شمار ہوتے ہیں۔(۱)

**شیخ عبد الحق دہلوی کی تصانیف و تالیفات:**

حضرت شیخ عبد الحق محدث دہلوی قدس سرہ نے ایک سو سے زائد کتابیں لکھیں جن میں چند یہ ہیں:

اخبار الاخیار، اشعت اللمعات شرح فارسی مشکوات، جذب القلوب الی دیار المحبوب، شرح فتوح الغیب، لمعات التنقیح شرح مشکوات المصابیح، مقدمہ مشکوٰۃ المصابیح، مرج البحرین، مکتوبات شیخ عبدالحق، نوریہ سلطانیہ اور متعدد علمی و اصلاحی رسائل شامل ہیں۔ علاوہ ازیں آپ نے حکمرانوں، علما اور صوفیا کو نصیحت آمیز خطوط بھی لکھے جو مکتوبات کے نام سے مشہور ہیں۔(۲)

**۳۔ مدارج النبوت کا تعارف:**

سیرت طیبہ پر مدارج النبوت ایک بہترین اور خوبصورت کتاب ہے جو ان موضوعات کا احاطہ کرتی ہے۔

(الف) جلد اول کے مضامین یہ ہیں:

باب اول: در بیان حسن خلقت جمال صورت یعنی سراپا مبارک

باب دوم: در بیان اخلاق عظیمہ وصفات کریمہ

باب سوم: در بیان فضل و شرف از آیات قرآنیہ واحادیث صحیحہ

باب چہارم: کتب سابقہ توریت اور انجیل کی پیشین گوئیاں

باب پنجم: در فضائل مشترکہ مابین حضور ﷺ انبیا کرام علیہم السلام

باب ششم: وہ معجزات جو رسول اللہ ﷺ کی محبت نبوت اور صداقت رسالت پر دلیل و نشان ہیں

باب ہفتم: در اسماء نبوی ﷺ

باب ہشتم: عالم آخرت کے مخصوص درجات و فضائل و کمالات

باب نہم: در حقوق و واجبات نبوت

باب دہم: نواع عبادات نبوی کے بیان میں

باب یازدہم: کھانے پینے پہننے نکاح کرنے اور سونے میں عبادت شریف

(ب) جلد دوم کے مضامین مندرجہ ذیل ہیں:

باب اول: ذکر در نسب شریف ایام حمل ولادت و ایام رضاعت

باب دوم: کفالت انتقال عبد المطلب اور ابو طالب کی اعانت

باب سوم: از ابتدائے وحی تا واقعات ہجرت

باب چہارم: قضیہ ہجرت اور ابتدائی واقعات

باب پنجم: در ذکر موالی حضور ﷺ

باب ششم: در ذکر محافظین بارگاہ رسالت

باب ھفتم: کاتبان بارگاہ رسالت

باب ہشتم: سفراء اور قاصدوں کا بیان

باب نہم: ذکر اعمال بارگاہ نبوت

باب دھم: مؤذن خطیب شاعر حدی خوانوں کے تذکرے

باب یازدھم: اسلحہ و آلات حرب

**۴۔ جذب القلوب کا تعارف:**

جذب القلوب الی دیار المحبوب شیخ عبد الحق محدث دہلوی کی یہ کتاب فارسی زبان میں مدینہ طیبہ کی تاریخ ہے۔ اس کتاب میں سید نور الدین علی سمہودی رحمہ اللہ کی کتاب وفا الوفا باخبار دار المصطفیٰ سے استفادہ لیا گیا ہے۔

**۵۔ پیر صاحب روضہ دھنی اور شیخ عبد الحق:**

حضرت پیر صاحب روضہ دھنی قدس سرہ کے ملفوظات میں حضرت شیخ عبد الحق محدث دھلوی اور ان کے علمی آثار کا ذکر خیر ملتا ہے۔

ملفوظات مبارکہ میں ایک جگہ لباس نبوی علی صاحبہا الصلوات والسلام کے ضمن میں پہران شریف کے مسنون چاک کے ذکر میں آپ نے حضرت شیخ محقق عبدالحق محدث دھلوی رحمہ اللہ کا حوالہ دیا ہے۔(۳)

ایک مقام پر بارگاہ نبوت صلی اللہ علیہ وسلم میں حجرہ نبوی کی کھڑکیاں بند کرانے اور حضرت علی المرتضی رضی اللہ عنہ کی روایت کے آثار ہیں جو جذب القلوب کے حوالے سے بیان کیے ہیں۔(۴)

ان روایات سے معلوم ہوتا ہے کہ حضرت پیر صاحب سید محمد راشد روضہ دھنی قدس سرہ حضرت شیخ عبدالحق محدث دہلوی قدس سرہ کی تصنیفات سے شغف رکھتے تھے اور ان سے استفادہ فرماتے تھے۔ حضرت شیخ عبدالحق دہلوی کے سلسلہ قادریہ کے مشائخین اور پیر صاحب روضہ دھنی قدس سرہ کے مشائخین کے تعلق و نسبت کے حوالے سے آئندہ مقالے میں بحث کی جائے گی۔(انشاء اللہ العزیز)

---------

ماخذ و مراجع:

۱۔ نظامی خلیق احمد: حیات و خدمات شیخ عبدالحق دہلوی۔ ندوت المصنفین دہلی ۱۳۸۴ھ

۲۔ سید محمد قادری: تذکرہ شیخ عبدالحق دہلوی۔

۳۔ نظامانی محمود فقیر خلیفہ: مجمع الفیوضات۔ جلد اول۔ باب اہمیت شریعت۔ نقل ۱۶

۴۔ نظامانی محمود فقیر خلیفہ: مجمع الفیوضات۔ جلد اول۔ باب اتحاد مرید باپیر۔ نقل ۱

٭٭٭